روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) ڇنڇر 13 جنوري 2024ع بمطابق 30 جمادي الثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 228

آمريڪا ۽ برطانيا يمن ۾ حوثين خلاف نئون محاذ کولي ڇڏيو، ڪيترن ئي شهرن تي بمباري

آمريڪا ۽ برطانيا جي هوائي حملن بعد يمن جي باغي اڳواڻ عبدالمالڪ بدرالدين الحوثي به جوابي حملن جو اعلان ڪري ڇڏيو

آمريڪا ۽ برطانيا پاران ويڙهاڪ جهازن، سامونڊي جهازن ۽ آبدوزن جي مدد سان يمن جي گادي واري شهر صنعا، حديده ۽ سعده ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي بمباري ڪئي وئي: پرڏيهي ميڊيا

حملا ڳاڙهي سمنڊ ۾ بين الاقوامي جهازن تي حوثي باغين جي حملن جو جواب آهن (جو بائيڊن) حوثي باغين کي جهازن تي حملن کان روڪڻ لاءِ ڪيترائي ڀيرا خبردار ڪيو ويو هو: رشي سونڪ

آمريڪي جي حملي ۾ 5 ڄڻا فوت، 6 زخمي ٿيا آهن، حملي ۾ ٽام هاڪ ميزائلن جو سرعام استعمال ڪيو ويو آهي: ترجمان

حملي جو وڊيو آمريڪي جي سينٽرل ڪمانڊ پاران جاري ڪيو ويو، يمن جي اڳواڻ عبدالمالڪ بدرالدين الحوثي پاران مقابلي ڪرڻ جو عزم، قوم کي دشمن جي ميزائلن ۽ ڊرونز کي نشانو بڻائڻ جو حڪم

يمن ۾ حوثين جي خلاف فوجي آپريشن ڪرڻ مشرق وسطيٰ ۾ نئون تڪرار شروع ڪرڻ کان پهريان آمريڪي صدر کي ڪانگريس کان منظوري وٺڻ گهرجي ها: برطانيا

يمن (م ڊ) آمريڪا ۽ برطانيا جي جهازن حوثي باغين جي ٺڪاڻن تي بمباري ڪئي آهي، يمن جو گادي وارو شهر صنعا به ڌماڪن سان گونججي اٿيو. آمريڪا ۽ برطانيا جي هوائي حملن بعد يمن جي باغي اڳواڻ عبدالمالڪ بدرالدين الحوثي به جوابي حملن جو اعلان ڪري ڇڏيو. عبدالمالڪ چيو آهي ته دشمن کي ميزائلن ۽ ڊرونز جو نشانو بڻائيندا سين. عرب ميڊيا موجب آمريڪا ۽ برطانيا پاران ويڙهاڪ جهازن، سامونڊي جهازن ۽ آبدوزن جي مدد سان يمن جي گادي واري شهر صنعا، حديده ۽ سعده ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي بمباري ڪئي وئي، حملن دوران ٽام هاڪ ميزائلن جو به استعمال ڪيو ويو. آمريڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

حڪومت پاران رٽائرڊ ججز خلاف ڪارروائي نه ڪرڻ وارو قانون چئلينج ڪرڻ جو فيصلو

قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ سپريم جوڊيشل ڪائونسل جو اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس مظاهر نقوي خلاف شڪايت وارو معاملو بحث هيٺ آيو

جوڊيشل ڪائونسل مظاهر نقوي ۽ سندس وڪيل خواجا حارث کي نوٽيس جاري ڪيا هئا، جڏهن ته سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ شڪايتن کي منهن ڏيندڙ جج جسٽس مظاهر نقوي استعيفيٰ ڏئي چڪو آهي

اجلاس دوران خواجا حارث جي مددگار وڪيل چيو ته خواجا حارث لاهور مان اچي رهيو آهي، اسان کي ڪائونسل جي ڪارروائي تي اعتراض آهي، مظاهر نقوي هاڻي جج ناهي رهيو سندس خلاف ڪارروائي نه ڪئي وڃي

سپريم جوڊيشل ڪائونسل رڳو جج خلاف ئي ڪارروائي ڪري سگهي ٿي، ان ڪيس کي وري اٺ فيبروريءَ چونڊن کانپوءِ ٻڌنداسين، سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي ڪارروائي پندرهن فيبروريءَ تائين ملتوي ڪري ڇڏي

رٽائرڊ ججز خلاف ڪارروائي نه ڪرڻ واري فيصلي خلاف اپيل داخل ڪئي ويندي، اٽارني جنرل فيصلي بابت سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي باضابطا طور آگاهه ڪري ڇڏيو

سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي ڪارروائي پندرهن فيبروريءَ تائين ملتوي ڪري ڇڏي، ٻئي پاسي عدالت ڪائونسل اڄوڪي اجلاس جو حڪمنامو لکت ۾ جاري ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) جسٽس مظاهر نقوي جي وڪيل سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ چيو آهي ته استعيفيٰ کانپوءِ هاڻي قانوني طور حڪومت جسٽس مظاهر خلاف ڪارروائي نٿي ڪري سگهي جنهن تي حڪومت سپريم ڪورٽ جي ان قانون کي چئلينج ڪري ڇڏيو آهي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ سپريم جوڊيشل ڪائونسل جو اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس مظاهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: نگران وزيراعظم اٽلي جي وفد سان ملاقات ڪري رهيو آهي

اين اي 96: نون ليگ طلال چوڌري بدران پي ٽي آءِ جي باغي ميمبر کي ٽڪيٽ ڏئي ڇڏي

نون ليگ قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 96 لاءِ پي ٽي آءِ جي نواب شير وسير کي ٽڪيٽ جاري ڪئي

ڪجهه ڏينهن اڳ اين اي 96 تان نون ليگ اڳواڻ طلال چوڌري نامزدگي جا ڪاغذ جمع ڪرايا هئا

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ نون قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 96 فيصل آباد لاءِ اميدوار جو اعلان ڪري ڇڏيو قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 96 فيصل آباد ۾ نون ليگ اڳواڻ طلال چوڌري کي پارٽي ٽڪيٽ نه ملي سگهي، پارٽي نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آءِ ايم ايف جي پاڪستان ۾ ڪرنٽ اڪائونٽ خساري ۾ اضافي

بجيٽ ۾ خساري، بيروزگاري ۽ مهانگائي گهٽ ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي

گذريل سال جي مقابلي ۾ معاشي شرح ۾ اضافي جي اڳڪٿي ڪئي وئي: آءِ ايم ايف

اسلام آباد (م ڊ) عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) هلندڙ سال سال دوران پاڪستان جي ڪرنٽ اڪائونٽ خساري ۾ اضافي جڏهن ته بجيٽ ۾ خساري، بيروزگاري ۽ مهانگائي گهٽ ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ميڊيا رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

فضل الرحمان ۽ ايمل ولي خان تي آپگهاتي حملي جي رٿابندي ڪندڙ دهشتگرد گرفتار

متني ۾ آپگهاتي حملو ڪندڙ جي موجودگي جي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار آپگهاتي بمبار جي سڃاڻپ عادل خان جي نالي سان ٿي آهي: ايس ايس پي

مولانا فضل الرحمان ۽ ايمل ولي خان تي آپگهاتي حملو ڪرڻو هو، دهشتگردن جو واسطو داعش خراسان سان آهي

پشاور (م ڊ) پشاور پوليس جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان ۽ اي اين پي اڳواڻ ايمل ولي خان تي آپگهاتي حملي جي رٿابندي ڪندڙ ٻن دهشتگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڊالر جي بي قدري
جاري، رپيو وڌيڪ
مضبوط

ڪراچي (م ڊ) پاڪستاني رپئي جي پيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ملهه ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پشاور: فضل الرحمان ۽ ايمل ولي خان تي آپگهاتي حملي جي رٿابندي ڪندڙ دهشتگرد گرفتار

پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي اليڪشن ڪٿي ٿي؟ هوٽل ۾ يا ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾؟ چيف جسٽس جو پڇاڻو

اليڪشن ڪميشن هڪ آئيني ادارو آهي ۽ ڪو به ادارو هن ڪم ۾ مداخلت نٿو ڪري سگهي: چيف جسٽس

صرف اسان اهو چاهيون ٿا ته چونڊون وقت تي ۽ قانون مطابق ٿين. خبر پئي آهي ته هاڻي اليڪشن ۾ وقت گهٽ آهي ڪيس جو فائل مون به ناهي پڙهيو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ جو چونڊ نشان بيٽ جي حوالي سان اليڪشن ڪميشن جي اپيل جي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ڏيندي چيو ته اليڪشن ڪميشن هڪ آئيني ادارو آهي ۽ ڪو به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

مولانا فضل الرحمان جي افغانستان جي نائب وزيراعظم ملا عبدالغني برادر سان ملاقات، ٻه طرفن لاڳاپن تي ڳالهيون

ملاقات ۾ دفاع وارو وزير ملا يعقوب ۽ پرڏيهي وزير ملا امير متقي به موجود هو، ملا عبدالغني برادر مولانا فضل الرحمان جو استقبال ڪيو

اسلامي ملڪن جي پنهنجي هڪ تاريخ آهي. اسان جي دوري جو مقصد ٻنهي ملڪن وچ ۾ مسئلا حل ڪرائڻ آهن: فضل الرحمان

پاڪستان جي خواهش آهي ته افغانستان سان واپار قانوني طور تي ٿئي، خواهش آهي ته افغانستان سان واپار قانوني طور تي ٿئي

اسلام آباد (م ڊ) جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان افغانستان جي نائب وزيراعظم ملا عبدالغني برادر سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ ٻه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي ۾ ڏينهن ڏٺي جو
عورت سان اڻوڻندڙ حرڪت
ڪرڻ جو هڪ ٻيو واقعو

ڪراچي: (م ڊ) سنڌ جي راڄڌانيءَ ۾ ڏينهن ڏٺي جو موٽرسائيڪل سوار عورت سان اڻوڻندڙ حرڪت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: نگران صوبائي وزير بلديات پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

شهباز شريف ڪراچي مان ايم ڪيو ايم جي مصطفيٰ ڪمال جي حق ۾ هٽ ڪٽي ويو

نون ليگ اڳواڻ راڻا مشهود ٻڌايو ته شهباز شريف ڪراچي جي ضلعي ڪياماڙي مان قومي اسيمبلي جي سيٽ تان هٽ ڪٽي ورتو

ن ليگ ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان وچ ۾ ڪراچي تان قومي اسيمبلي جي سيٽ اين اي 242 تي ڪيئي ڏينهن کان ڊيڊ لاڪ هو

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ نون جي صدر شهباز شريف ڪراچي مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 242 تان ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال جي حق ۾ هٽ ڪٽي ورتو نون ليگ اڳواڻ راڻا مشهود ٻڌايو ته شهباز شريف ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جسٽس اعجاز الاحسن جي استعيفيٰ منظوري سان ججز ڪميٽي جي جوڙجڪ تبديل ٿي وئي

جسٽس اعجاز جي استعيفيٰ کانپوءِ ٽي رڪني ججز ڪميٽي ۾ جسٽس منصور علي شاهه شامل ٿي ويو

جوڊيشل ڪميشن ۾ چيف جسٽس ۽ سپريم ڪورٽ جا چار سينيئر جج شامل هوندا آهن، جسٽس يحيٰ آفريدي هاڻ سپريم جوڊيشل ڪائونسل جو ميمبر بڻجي ويو

گذريل ڏينهن جسٽس اعجاز الاحسن پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي هئي

اسلام آباد (م ڊ) جسٽس اعجاز الاحسن جي استعيفيٰ منظوري سان ججز ڪميٽي جي جوڙجڪ تبديل ٿي وئي جسٽس اعجاز جي استعيفيٰ کانپوءِ ٽي رڪني ججز ڪميٽي ۾ جسٽس منصور علي شاهه شامل ٿي ويو جڏهن ته جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

صدر سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس اعجاز الاحسن جي استعيفا منظور ڪري ورتي

صدر نگران وزيراعظم جي مشاورت سان جسٽس اعجاز الاحسن جي استعيفيٰ منظور ڪئي

سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي جج مظاهر علي اڪبر نقوي کانپوءِ گذريل ڏينهن جسٽس اعجاز الاحسن به پنهنجي استعيفيٰ صدر ڏانهن اماڻي هئي

جسٽس اعجاز الاحسن هلندڙ سال آڪٽوبر ۾ سينيارٽي جي حساب سان ملڪ جو نئون چيف جسٽس مقرر ٿيڻ وارو هو

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي سپريم ڪورٽ جي سينيئر جج جسٽس اعجاز الاحسن جي استعيفا منظور ڪري ورتي، صدر نگران وزيراعظم جي مشاورت سان جسٽس اعجاز الاحسن جي استعيفيٰ منظور ڪئي. سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

مشرف جي پارٽي ”آل پاڪستان مسلم ليگ“ جي درخواست خارج

سپريم ڪورٽ آل پاڪستان مسلم ليگ جي چونڊ نشان باز نه ملڻ خلاف درخواست رد ڪندي اليڪشن ڪميشن جو فيصلو برقرار رکيو آهي

آل پاڪستان مسلم ليگ پنهنجي پارٽي جون چونڊون نه ڪرايون ۽ نه ئي ريڪارڊ اليڪشن ڪميشن کي ڏنو

اليڪشن ڪميشن بدنيتي سان چونڊ نشان باز کسيو آهي: وڪيل

غزا: اسرائيلي بمبار ۾ تباهه ٿيل فلسطيني عمارتن جو ڍيڪ

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس چيو آهي ته بدنيتي جا الزام هڻي ادارن کي تباهه ڪرڻ ڇڏي ڏيو. هن ملڪ ۾ روايت بڻجي وئي آهي ته هرڪ تي بدنيتي جو الزام لڳائي ڇڏيو. سپريم ڪورٽ آل پاڪستان مسلم ليگ جي چونڊ نشان باز نه ملڻ خلاف درخواست رد ڪندي اليڪشن ڪميشن جو فيصلو برقرار رکيو آهي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ڏيندي چيو ته آل پاڪستان مسلم ليگ پنهنجي پارٽي جون چونڊون نه ڪرايون ۽ نه ئي ريڪارڊ اليڪشن ڪميشن کي ڏنو. وڪيل شير امان چيو ته اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پنوعاقل ۾ مختيارڪار جي پرچي تي پاڻ وٽ آيل هاري تي تشدد

هاري مير محمد سومرو کي واپارين وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو

واپاري هاري مير محمد سومرو کي تشدد ڪري شهر ۾ گهليندا رهيا

پنوعاقل (رپورٽر) پنوعاقل ۾ مختيارڪار جي پرچي تي پاڻ وٽ آيل هاري تي واپارين جو وحشياڻو تشدد، واپاري هاري کي شهر ۾ تشدد ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ٽڪيٽ نه ملڻ تي ناراض: پ پ اڳواڻ ممتاز جکراڻي آزاد اميدوار طور چونڊ وڙهڻ جو اعلان

پي ايس 3 ڳڙهي خيرو تي ممتاز جکراڻي بدران مير اورنگزيب پنهور کي ٽڪيٽ جاري ڪئي وئي آهي

40 سال پ پ ۾ رهيس، اهميت نه ڏني وئي: ممتاز جکراڻي

جيڪب آباد: (م ڊ) پ پ اڳواڻ ۽ اڳوڻي ايم پي اي ممتاز جکراڻي عام چونڊن لاءِ پارٽي ٽڪيٽ نه ملڻ تي ڪاوڙجي پيو ۽ آزاد اميدوار طور اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

شاگردن کي آن لائين پڙهڻ لاءِ درسي ڪتابن جون هارڊ ۽ سافٽ ڪاپيون فراهم ڪيون وڃن: مقبول باقر

اسان هڪ ڊجيٽل دور ۾ رهون ٿا جتي ٻار ڊجيٽل مواد واري هارڊ ڪاپي کي اوليت ڏين ٿا

بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن ميرپورخاص جي ويب سائيٽ جي افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر پاران تعليم کاتي کي هدايت ڪئي آهي ته شاگردن کي آن لائين پڙهڻ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پي ٽي آءِ ڪراچي ۾ اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪري ڇڏيو

ملير اين اي 229 تي ولي محمد مغيري، 230 تي مسرور سيال، 131 تي اميدوار هوندا

ڪورنگي اين اي 232 تي حليم عادل شيخ ۽ 233 تي ايڊووڪيٽ حارث شيخ اليڪشن ۾ حصو وٺندا

ڪراچي (م ڊ) پي ٽي آءِ عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڪراچي ۾ پنهنجي اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪري ڇڏيو. ملير اين اي 229 تي ولي محمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ حڪومت جو سياحت جي بهتري لاءِ هڪ ٻيو اهم فيصلو

صوبي جي سياحتي هنڌن تي ٽورسٽ گائيڊ مقرر ڪرڻ جو فيصلو، فنڊز لاءِ ناڻي کاتي کي خط

تاريخي جڳهن تي سياحن جي تجربي کي يادگار بڻائڻ لاءِ ٽور گائيڊ ضروري آهي: ارشد ولي محمد

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي وزير سياحت، ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ڪوسٽل ڊولپمينٽ ارشد ولي محمد چيو آهي ته صوبي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

گورنر سنڌ پاران سنڌ پريميئر ليگ جي فرنچائيز سربراهن جي مان ۾ تقريب منعقد

اهڙيون تقريبون ٽيلنٽ کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ثابت ٿين ٿيون ۽ هاڻي SPL جا ميوا اچڻ شروع ٿي ويا آهن: گورنر

هر شعبي ۾ جيڪو ڪجهه ڪري سگهان ٿو اهو ڪندس، ان حوالي سان ٻيهر انٽرنيشنل ڪرڪيٽ جي بحالي لاءِ وزيراعظم سان ڳالهائيندس

ڪراچي (م ڊ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سنڌ پريميئر ليگ جي فرنچائز سربراهن جي اعزاز ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي. گورنر سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

مولانا فضل الرحمان جي افغان طالبان امير شيخ هيبت الله سان ملاقات جي تصديق

جي يو آءِ پاران مولانا فضل الرحمان جي دوري کي ڪامياب قرار ڏنو ويو آهي

مولانا فضل الرحمان جي قيادت ۾ 11 رڪني وفد دوري کانپوءِ افغانستان کان اسلام آباد پهچي ويو

اسلام آباد (م ڊ) جي يو آءِ جي سربراهه مولانا فضل الرحمان افغان طالبان جي امير شيخ هيبت الله سان ملاقات جي تصديق ڪئي آهي. فضل الرحمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪابل: مولانا فضل الرحمان افغاني وزير سراج الدين حقاني سان ملاقات ڪندي

عام چونڊون ملتوي ڪرائڻ لاءِ سينيٽ ۾ هڪ نئون ٺهراءُ پيش

آزاد پارلياماني گروپ جي سينيٽر هدايت الله سينيٽ ۾ ٺهراءُ جمع ڪرائي ڇڏيو

سيڪيورٽي چئلينجز سبب 3 مهينن لاءِ عام چونڊون ملتوي ڪيون وڃن: ٺهراءُ

سينيٽ سپريم ڪورٽ ۽ اليڪشن ڪميشن کي اپيل ڪري ٿي ته چونڊون ملتوي ڪرڻ واري بابت همدرداڻو غور ڪيو وڃي

لاهور: پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو اعتزاز احسن سان تعزيت ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) آزاد پارلياماني گروپ جي سينيٽر هدايت الله سينيٽ ۾ ٺهراءُ جمع ڪرائي ڇڏيو ٺهراءَ ۾ چيو ويو آهي ته سيڪيورٽي چئلينجز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نيب يا ڪنهن ٻئي اداري ۾ ڪرپشن ڪرڻ
۾ ملوث آفيسرن کي عهدن تان برطرف
ڪيو ويندو: محمد مبين جمائي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران صوبائي وزير بلديات، هائوسنگ، ٽائون پلاننگ ۽ بحالي سنڌ محمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: آءِ جي سنڌ اجلاس جي صدارت ڪندي

ٽرمپ جي عدالت ۾ پيشي دوران جج کي ڇنڊ

ٽرمپ تي ڪاروباري اثاثن جي وڌيڪ ملڪيت ٻڌائڻ بينڪن ۽ انشورنس ڏيندڙن کي دوکو ڏيڻ جو الزام آهي

اٽارني جنرل عدالت کان ٽرمپ تي گهٽ ۾ گهٽ 370 ملين ڊالر ڏنڊ هڻڻ جي درخواست ڪئي

واشنگٽن (م ڊ) اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پيشي دوران عدالت ۾ جج کي ڇنڊ پٽي جنهن کان پوءِ جج آمريڪي جي اڳوڻي صدر جي وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پي ٽي آءِ کي بيٽ جو نشان ملندو يا نه؟ سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي

سومر تائين ٻڌڻي ملتوي ڪرڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ جو حڪم معطل ڪرڻو پوندو، اسان ته ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن به ٻڌڻي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون: جج

پي ٽي آءِ جي پارٽي چونڊن ۾ سڀني جو بنا مقابلي چونڊجڻ عجيب ڳالهه آهي، سياست ۾ ته مقابلا ٿيندا آهن، ماڻهو ٽڪيٽ لاءِ جهيڙا ڪندا آهن

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف کي بيٽ جو چونڊ نشان ملندو يا نه؟ سپريم ڪورٽ ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف اليڪشن ڪميشن جي درخواست تي ٻڌڻيءَ ۾ وقفو ڪيو ويو آهي. پي ٽي آءِ جي وڪيل حامد خان چيو ته اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽسوري ملائيشيا جي وفد سان ملاقات ڪندي

قاضي احمد پرسان ڳوٺاڻن ترقياتي
ڪم نه ٿيڻ تي پوليو جو بائيڪاٽ
ڪري ڇڏيو، 4 ڄڻا گرفتار

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد جي يونين ڪائونسل ڏيپان جي ڳوٺ مصري چانڊيو واسي ڳوٺاڻن 5 سالن کان ڳوٺ ۾ ڪو به ترقياتي ڪم نه ٿيڻ توڙي برساتن دوران ڊهي پٽ پيل گهرن جي نئين سر تعمير نه ڪرڻ تي پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي 200 کان وڌيڪ ٻارن کي ڦڙا نه پيارايا، ڳوٺاڻن جي اهڙي عمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

13 سياسي پارٽين جي انٽرا پارٽي اليڪشن رد

اليڪشن ڪميشن انٽرا پارٽي چونڊون نه ڪرائڻ تي 13 سياسي جماعتن کي ڊي لسٽ ڪري ڇڏيو

اليڪشن ڪميشن پاران پاڪستان مسلم ليگ جناح کي به چونڊ نشان جاري ڪيو ويو

آل پاڪستان مائينارٽي الائنس، آل پاڪستان تحريڪ، عوامي پارٽي پاڪستان، بهاولپور نيشنل عوامي پارٽي کي ڊي لسٽ ڪيو ويو

ڪراچي: نگران وڏو وزير ويب سائيٽ جو افتتاح ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن انٽرا پارٽي چونڊون نه ڪرائڻ تي 13 سياسي جماعتن کي ڊي لسٽ ڪري ڇڏيو. اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ملڪ ۾ سون سوين رپيا
مهانگو ٿي ويو، في تولو
2 سئو رپيا مهانگو

ڪراچي: (م ڊ) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

محمود خان مولانا فضل الرحمان جي حق ۾ دستبردار

محمود خان اڇڪزئي قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 265 تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن جي سلسلي ۾ اميدوارن لاءِ اڄ نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ جو ڏينهن آهي

ڪوئيٽه: (م ڊ) پ ب جي چيئرمين محمود خان اڇڪزئي قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 265 تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. اليڪشن ڪميشن طرفان 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن جي سلسلي ۾ اميدوارن لاءِ اڄ نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ق ليگ جو ن ليگ کي سيٽ ايڊجسٽمينٽ کان انڪار

ن ليگ اسان جي گهربل تڪن ۾ پنهنجا اميدوار ويهاري ڇڏيا آهن، پارٽي قيادت فيصلو ڪيو آهي: پڙائي

ن ليگ هن ۽ سندس پاءِ خلاف گجرات ۾ پنهنجا اميدوار ويهاري ڇڏيا، ق ليگ جي صوبائي سيڪريٽري جنرل چوڌري شافع حسين به فيصلي سان اتفاق ڪيو

نون ليگ سان قومي اسيمبلي جي 4 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 8 سيٽن تي ڳالهه ٻول ٿي هئي: چوڌري سالڪ

پشاور: اين جي او جي وفد ڪي پي جي گورنر سان ملاقات ڪندي

لاهور: (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ (ق) نون ليگ سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. مسلم ليگ ق طرفان جاري ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

حڪومت جو انوکو جواز
ڄاڻائي بند واري هر فون
بند ڪرڻ جو فيصلو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان جي حڪومت انوکو جواز ڄاڻائيندي بند واريون موبائيل فونز بند ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ماهه رنگ بلوچ جو سوشل اڪائونٽ ڀارت مان هلايو پيو وڃي: جان اڇڪزئي جي دعويٰ

قوم ملڪ جي دشمنن کي سڃاڻي چڪي آهي، بلوچستان پاڪستان جو حصو آهي ۽ هميشه مضبوط حصو رهندو

ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪري رهيو آهي، ڀارت کي ناڪامي ۽ خواري کانسواءِ ڪجهه نه ملندو: بلوچستان جو ڄاڻ سماءَ وارو نگران وزير

اسلام آباد (م ڊ) بلوچستان جي نگران ڄاڻ سماءَ واري وزير جان اڇڪزئي دعويٰ ڪئي آهي ته اسلام آباد احتجاج ۾ شريڪ انساني حقن جي ڪارڪن ماهه رنگ بلوچ جو سوشل اڪائونٽ ڀارت مان هلي رهيو آهي. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

جماعت اسلامي وارا رڳو ڳالهيون ڪرڻ ۾ ڪٽي سگهن ٿا: مرتضيٰ وهاب

مختلف رنگن جا هڪ لک کان وڌيڪ گل ڏسي خوشي ٿي، شهر کي سرسبز شاداب بڻائڻ چاهيون ٿا

ڳالهيون ڪرڻ وارن کي جيڪو ڪرڻو آهي ڪندا رهن اسان پنهنجو ڪم جاري رکنداسين، جماعت اسلامي رڳو ڳالهيون ڪرڻ ۾ ڪٽي سگهي ٿي

بيٽ ڪنهن به قسم جي پيچ ٻاهر لاءِ نه هئڻ گهرجي، ليول پلئينگ فيلڊ هر سياسي پارٽي کي ملڻ کپي

ڪراچي (م ڊ) ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب جماعت اسلامي تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته جماعت اسلامي وارا چونڊن ۾ نه رڳو ڳالهيون ڪرڻ ۾ ڪٽي سگهن ٿا. ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب فريئر هال ۾ چوٿين ميري گولڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

وارهه ۾ ناميارِي تعليمدان ۽ لطيف شناس لال گربخشاڻي جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو

لال گربخشاڻي جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺائي سندس تصوير آڏو ميڻ بتيون ٻاري پيتا پيش ڪئي وئي

لال گربخشاڻي هڪ بااصول، بي ڊپو ۽ تعليمي ماهر هئڻ سميت لطيف جو وڏو شارح هو: اڳواڻ

ڪنعيا لال گربخشاڻي شاهه لطيف جي فڪر جو گهڻو گهرو مطالعو ڪري غير رواجي انداز ۾ سمجهايو

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ ناميارِي تعليمدان ۽ لطيف شناس لال گربخشاڻي جي ياد ۾ سنڌي ادبي سنگت وارهه پاران تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺائي سندس تصوير آڏو ميڻ بتيون ٻاري پيتا پيش ڪئي وئي ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

وارهه: تعزيتي ميڙاڪي کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

سيوهڻ پرسان ڳوٺ محمد هارون ٽالپر ۾ مراد علي شاهه ۽ ٻيا اڳواڻ پهتا

شرنائين تي رقص ڪندي گلن جي ورکا ڪري مهمانن جو شاندار استقبال ڪيو ويو

دفعا ٻه 8 فيبروري اليڪشن واري ڏينهن تي تير تي ٺپو هڻي ڪامياب ڪندي: مراد علي شاهه

سيوهڻ شريف (رپورٽر) تعلقي سيوهڻ جي يونين ڪائونسل آراضي جي ڳوٺ محمد هارون ٽالپر ۾ نيڪ مرد ميزبان ذوالفقار علي ٽالپر جي جانب پارٽي جي دعوت تي اڳوٽي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ ٻين پ پ پ اڳواڻن شرڪت ڪئي، سيوهڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڏڙو پرسان اسڪول ڪوٽ عالمن جي استاد ۽ سندس ڀاءُ تي ڪهاڙين ۽ لٺين سان حملو، 2 زخمي

اسڪول ڪوٽ عالمن جو استاد فريد ميمڻ ۽ سندس ڀاءُ وقار ميمڻ اسڪول تي ويٺل هئا ته بااثر جوابدارن حملو ڪري ڏنو

واقعي جو ايس ايس پي سڄاول شهلا قريشي نوٽيس ورتو ۽ سڄاول پوليس کي جوابدارن خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏئي ڇڏيو

جوابدارن سان راڄوٽي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيو آهي، اسان جي زمين تي قبضو ڪري اسان کي مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: متاثر

ڏڙو (ن سنڌيار) سڄاول پوليس جي ڊي ايس پي جو عجيب ڪارنامون...!! ڏڙو پرسان جوابدارن پاران مڊل اسڪول ڪوٽ عالمن جي استاد ۽ سندس ڀاءُ تي ڪهاڙين ۽ لٺين سان حملو، استاد سميت 2 ڄڻا زخمي، ايس ايس پي شهلا قريشي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڏڙو: حملي ۾ زخمي ٿيل متاثر دانهين رهيا آهن

سکر پوليس روهڙي جي هرداس مل جي گهر مان چوري جي واقعي تي ڪارروائي ڪندي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس جي ترجمان پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب ايس ايس پي سکر زبير نذير احمد شيخ جي حڪم تي سکر پوليس ڪجهه ڏينهن اڳ روهڙي جي هرداس مل جي گهر مان چوري جي واقعي تي ڪارروائي ڪندي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو، چوري ٿيل رقم ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو ۾ تحريڪ انصاف پاران 2 قومي تڪن ۽ 4 صوبائي تڪن تي پارٽي ٽڪيٽون جاري

جوهي جي قومي تڪ 228 تي ذوالفقار ملاح، ميهڙ ڪي اين شاهه جي قومي تڪ 227 تي شبانه نواب کي ٽڪيٽ ملي وئي

دادو جي صوبائي تڪ 82 تي ذوالفقار ملاح، جوهي جي صوبائي تڪ 83 تي علي انور پنهور کي پارٽي ٽڪيٽ ڏني

دادو ضلعي جو عوام عمران خان سان گڏ بيٺل آهي، 15 سالن کان جن رڳو ڪرپشن ڪئي آهي اهي هاڻ عوام کي ڇا ڏيندا: اڳواڻ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) تحريڪ انصاف پارٽي مرڪز پاران دادو ضلعي جي 2 قومي تڪن ۽ 4 صوبائي تڪن تي پارٽي ٽڪيٽون جاري ڪري ڇڏيون، دادو جوهي جي قومي تڪ 228 تي ذوالفقار ملاح، ميهڙ ڪي اين شاهه جي قومي تڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

مانجهند ۾ راشن جا ڪٽا باثرن جي اوطاقن تي پهتل، سياسي وفاداري جو شرط، مستحقن کي ڌڪا

تعلقي ۾ اليڪشن ويجهو اچڻ شرط ضلع انتظاميا من پسند ماڻهن کي راشن جا ڪٽا ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيا

ڊي سي ڄامشورو آفيس مان گجهه ڳوهه ۾ هزارين راشن جا ڪٽا مختلف ڳوٺن ۾ باثرن جي اوطاقن تي پهچايا ويا

اليڪشن اچڻ شرط راشن ورهاست ڌانڌلي جي شروعات آهي، سياسي وفاداري تبديل ڪرڻ جو شرط نه مڃڻ تي نظرانداز ڪيو ويو: اڳواڻ

مانجهند (رپورٽر) مانجهند تعلقي ۾ گجهه ڳوهه ۾ راشن جا ڪٽا باثرن جي اوطاقن تي پهتل من پسندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مانجهند: ڳوٺاڻا نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دليپوٽا پرسان ڳوٺ علي گوهر پنهور ۾ چور ٽرانسفارمر لاهي ان مان ڪوائل سميت سب سامان ڪڍي ويا

نوشهروفيروز (ڊ ر) دليپوٽا پرسان ڳوٺ علي گوهر پنهور ۾ چور ٽرانسفارمر لاهي ان مان ڪوائل سميت سب سامان ڪڍي ويا، ڳوٺ سڄڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي ۾ ڪوچ ۽ آئل ٽينڪر کي لڳل باهه واقعي ۾ سڙي فوت ٿيلن 62 ڄڻن کي 8 ورهيه گذري ويا

خانپور واسي 4 ڄڻا محمد ابراهيم انصاري، غلام قدير شاهه، غلام علي شر، محمد سچل پيهوڙ جي وارثن کي جي آءِ ٽي رپورٽ به نه ملي سگهي

واقعي جا ڪارڻ ظاهر نه ٿي سگهيا، تڪ جي چونڊيل نمائندن پاران فوتي نوجوانن جي وارثن کي 8 سالن کان روزگار ڏيڻ جا آسرا ملندا رهيا

فوتين جا وارث غربت واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل، روزگار ڏيڻ ۽ جي آءِ ٽي رپورٽ پڌري ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

خانپور (عتيق ابڙو) ڪراچي مليرباءِ پاس تي ڪوچ ۽ آئل ٽينڪر کي لڳل باهه واقعي ۾ سڙي فوت ٿيلن 62 ڄڻن کي 8 ورهيه گذري ويا، متاثر نوجوانن جي وارثن جي ڪا به سار نه ڪئي وئي خانپور واسي 4 ڄڻا محمد ابراهيم انصاري، غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر ۾ سپلا پاران رٽائرڊ پروفيسرن کي مڃتا ڏيڻ لاءِ شاندار تقريب

پروفيسر عبدالجبار سولنگي، پروفيسر علي حيدر قاضي ۽ پروفيسر سيد بشارت شاهه کي مڃتا ڏيڻ لاءِ شاندار تقريب ڪوٺائي وئي

پرنسپالن ۽ ڪاليجي استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري رٽائرڊ پروفيسرن کي اجرڪ ۽ گلن جا هار پارائي کين محبتن سان نوازيو

ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ڪندڙ ڪاليجي استادن کي يونيورسٽي جي برابر الائونس ڏئي بيچيني ختم ڪئي وڃي: اڳواڻ

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ سپلا ريجن پاران اسلاميه سائنس اينڊ آرٽس ڪاليج جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر: گڏجاڻي دوران اڳواڻ ويٺل آهن

لاڙڪاڻي جي رهواسڻ نازيه پيل مذهب تبديل ڪري مسلمان ٿي وئي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي ٽئين اسٽان جي رهواسڻ نازيه پيل مذهب تبديل ڪري مسلمان ٿي پنهنجو نالو بابرا شيخ رکي لاڙڪاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

اسان چاهيون ٿا ته سنڌ اندر خودڪار روزگار ڏنو وڃي: اشفاق ميمڻ

بدين سميت سنڌ جي عوام کي سوائي مايوسي جي ڪجهه به نه ملي سگهيو آهي

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت ملندڙ رقم مان سنڌ اندر انڊسٽريز لڳايون وڃن

سنڌ جي عوام کي زبردستي اهيو سمجهايو پيو وڃي ته پ پ ئي سنڌ جي هڏ ڏوکي پارٽي آهي

بدين (ڊ ر) بدين ۾ پي ٽي آئي 2 صوبائي ۽ 5 قومي تڪن تان ڪنهن به پارٽي سان اتحاد ڪرڻ کان بغير ڀرپور نموني سان بيٽ جي نشان سان گڏ اليڪشن وڙهندي، بدين سميت سنڌ ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ جي ڊي اي ڌاهڪن کان هتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان: ڏگهه موري ۾ مرچ ”ڪپهه ۽ فروٽ جي ٻجن بابت گڏجاڻي

رچنا زرعي ڪاروبار جي ڪا به حد نه آهي الحمدالله رچنا ايگري بزنس واحد اهو ادارو آهي: نديم رضا ۽ ٻيا

آبادگار ڀائرن کي اعلي معيار جي تمام ٻج فراهم ڪري ٿو پهرين اسان هڪ نئي جنس ايجاد ڪندا آهيون

اسان اڄ جي ملاقات جو ابتدائي مقصد صرف مرچ ڪپهه ۽ فروٽن جي ٻجن باري ۾ ٻڌائڻ هو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) رچنا ايگري بزنس سيڊ ڪمپني گوجرانوالا پاران ڏگهه موري يونين ڪائونسل ۾ مرچ ”ڪپهه ۽ فروٽ جي ٻجن جي حوالي سان هڪ اهم گڏجاڻي رکي وئي جنهن ۾ مهمان خاص بزنس مينيجر نديم رضا اي ايس ايم غلام نبي شورو ۽ اي ايس ايم الله جوڙيو هئا ان موقعي تي نديم رضا آبادگارن کي خطاب ڪندي چيو ته رچنا زرعي ڪاروبار جي ڪا به حد نه آهي الحمدالله رچنا ايگري بزنس واحد اهو ادارو آهي جيڪو آبادگار ڀائرن کي اعلي معيار جي تمام ٻج فراهم ڪري ٿو پهرين اسان هڪ نئي جنس ايجاد ڪندا آهيون ان ڪانپوءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان: تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

جميت علماءَ اسلام تعلقه حيدرآباد ڀهراڙي جو مجلس عمومي جو اجلاس

ٽنڊوڄام (رپورٽر) جميت علماء اسلام تعلقه حيدرآباد ڀهراڙي جو مجلس عمومي جو اجلاس حافظ سعيد احمد ٽالپر جي صدارت هيٺ ٿي گذريو، اجلاس ۾ مهمان خاص صوبائي معاون حاجي عبدالمالڪ ٽالپر ۽ جمعيت علماء اسلام ضلع حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري حافظ خالد حسين ڏامراهه هئا. اجلاس ۾ متفق ٿي فيصلو ڪري پي ايس 61 تي جمعيت علماء اسلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽائون ڪاميٽي نيوسعيدآباد پاران صفائي جي هفتي جو افتتاح

اڳواڻن پاران ٽپالي رستي بائي پاس تائين صفائي شروع ڪئي وئي

شهر جي ڇهن ئي واردن ۾ صفائي جو پروگرام ترتيب ڏنو ويو

نيوسعيدآباد (رپورٽر) چيئرمين ٽائون ڪميٽي نيوسعيدآباد سرفراز احمد راهو پاران ٽائون ڪاميٽي نيوسعيدآباد پاران صفائي جي هفتي جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

خانپور ۾ بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو، رهواسي پريشان

واپاري جي گودام مان لکين روپين جي ماليت جا 30 گيهه جا ٽن ۽ کنڊ جا ٻورا چور چورائي ويا

شهرين پاران بدامني جي خلاف احتجاج، چوري ٿيل سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو

خانپور (عتيق ابڙو) خانپور ۾ بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو، واپاري جي گودام مان لکين روپين جي ماليت جا 30 گيهه جا ٽن ۽ کنڊ جا ٻورا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽڪراٽو پريس ڪلب جي نئين سال جي چونڊ

عبدالمجيد مهر صدر ۽ اربيلو مهتم جنرل سيڪريٽري ٿي ويا

علائقي جي مسئلن کي ترجيح جي بنياد تي رکبو: اڳواڻ

ٽڪراٽو (ن سنڌيار) ٽڪراٽو پريس ڪلب جي نئين سال جي چونڊ، عبدالمجيد مهر صدر ۽ اربيلو مهتم جنرل سيڪريٽري ٿي ويا خبر موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽڪراٽو: نون چونڊيل عهديدارن جو ورتل گروپ فوٽو

سکر: انڊسٽريل ٽريڊنگ جي حاضر سروس ۽ رٽائرڊ ملازمن کي پگهار نه ملي سگهي

سال 2023ع جي نومبر ۽ ڊسمبر مهيني جي پگهار ۽ پينشن نه ڏئي ناحق ڪيو ويو آهي: متاثر

اسان حاضر سروس ملازمن ۽ پينشنرن سان ٿيندڙ ناجائزي جو نوٽيس ورتو وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر: سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ لميٽيڊ جي حاضر سروس ۽ رٽائرڊ ملازمن کي نومبر ۽ ڊسمبر مهيني جي پگهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

اختلافن باوجود وقار علي ڀٽو منهنجي گهٽي ٺهرائي ڏني: جميل احمد سومرو

مان سمجهان ٿو ته پيپلزپارٽي کانسواءِ ڪا اهڙي پارٽي ناهي جيڪا عوامي مسئلن کي حل ڪري

ڪري الحمدالله لاڙڪاڻي ۾ ترقياتي ڪم هلن پيا، پ پ هر دور ۾ عوام جي خدمت ڪئي آهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو سماجي ورڪر پي ٽي آءِ ڪارڪن دلبر شاهد ۽ انجي ڀٽ تنوير احمد ابڙو زاهد حسين ابڙو ڪالهه پوٽار علي مراد ابڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سرحد ۾ چورن جو راڄ، ڏينهن ڏٺي گهر ٻاهران موٽرسائيڪل چوري

پوليس کي نشي جهڙي ننڊ، شهر ۾ بدامني هڪ ڀيرو ٻيهر وري ڪر کنيو

متاثر پاران چوري ٿيل موٽرسائيڪل جي واپسي جو مطالبو ڪيو ويو

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد ۾ چورن جو راڄ، اسٽيشن روڊ تان ڏينهن ڏٺي گهر ٻاهران موٽرسائيڪل چوري، پوليس کي نشي جهڙي ننڊ. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

اسان پيپلزپارٽي سان گڏ آهيون: تنوير سربوال

پارٽي قيادت جي فيصلي بعد پارٽي جن اميدوارن کي ٽڪيٽون جاري ڪيون آهن انهن سان گڏ آهيون

اسان پارٽي قيادت جي حڪم تي امير خان سربوال ۽ تنوير خان سربوال ۽ زاهد خان سربوال وٽ پهتا آهيون

گلاب لغاري (رپورٽر) گلاب لغاري بدين جي تڪ اين اي 222 ماتلي تلهار ٽنڊو باگو تعلقن جي اميدوار ۽ اڳوٽي ايم اين اي عبدالستار سربوال جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گهارو ۾ پ پ اميدوار حاجي علي حسن زرداري ۽ جي مان ۾ آجياڻو

پ پ ملڪ جي وڏي پارٽي آهي ان ۾ اختلاف رکندڙن جو به احترام ڪيو ويندو آهي: علي حسن زرداري

رئيس عبدالغني کي به پارٽي قيادت کان ڪجهه ناراضگيون هيون جيڪي ختم ڪيون ويون آهن

گهارو (رپورٽر بشام جوکيو) پي ايس 76 ساڪرو تي پ پ پ کان ناراض اڳواڻ ۽ راڄوٽي اتحاد جي اميدوار رئيس عبدالغني بگهياڙ پاران پي ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

گهارو: آجياڻي واري تقريب دوران اڳواڻن جو ورتل فوٽو

گهارو پرسان ملاح برادري پاران احتجاج جاري

قبضه مافيا مسلسل پنج ڏينهن کان اسان جي ڳوٺ تي فائرنگ ڪري ٿي: مظاهرين

ڳوٺن تي فائرنگ ڪندڙن کي گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

گهارو (رپورٽر) ديهه ٻاپڙا جي ملاح برادري پاران زرعي زمين تي قبضي خلاف گهارو شهر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روهڙي پرسان يوسي لونگ پٽي 38 ۾ ڪارنر گڏجاڻي

پيپلزپارٽي انشاءالله پوري سنڌ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندي: امير دراني

ڪارنر گڏجاڻي جي اختتام ۾ جئي ڀٽو جئي ڀٽو جي نارن سان گجندو رهيو

روهڙي (رپورٽر) روهڙي دراني هائوس سردار سي اين جي بائي پاس تي يوسي لونگ پٽي 38 ۾ ڪارنر گڏجاڻي ٿي جنهن جي صدارت حاجي راز محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

قمبر ۾ ايف ايف سي پاران ڀاڻ جي متوازن استعمال جي موضوع تي گڏجاڻي

گڏجاڻي جو مهمان خاص ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن لاڙڪاڻو اسدالله هو

سب آبادگار ڀاڻ جي متوازن استعمال ڪن ته جيئن گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهجن: اڳواڻ

لاڙڪاڻو (رپورٽر) ايف ايف سي پاران ڀاڻ جي متوازن استعمال جي موضوع تي قمبر ۾ آبادگارن سان گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ قمبر شهدادڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

سکر: پي ايس 23 تي تي آزاد حيثيت ۾ چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اميدوار هٽ ڪٽي ويو

سيد محمد عباس شاهه پ پ اميدوارن سيد اويس قادر شاهه ۽ ڄام اڪرام الله ڌاريجو جي مڪمل حمايت جو اعلان ڪيو

اسان اليڪشن جي شروعات 27 ڊسمبر کان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو کان ڪئي آهي جيڪا جاري آهي: خورشيد احمد شاهه

سيد زاهد حسين شاهه ۽ سيد محسن عباس شاهه جي هر ممڪن مدد پ پ قيادت سان گڏ آهي، استعيفي جو تاثر غلط آهي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي ٻن صوبائي تڪن پي ايس 22 پنوعاقل ۽ پي ايس 23 روهڙي، ڪنڌرا ۽ صالح پٽ تي آزاد حيثيت سان عام چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اميدوار سيد محسن عباس شاهه پ پ اميدوارن سيد اويس قادر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر: خورشيد احمد شاهه ۽ ٻيا اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ڊي آئي جي حيدرآباد ايماندار پوليس آفيسر مقرر ڪري: الطاف شاهه شيرازي

ٺٽو (ڊ ر) مڪلي ٺٽي ۾ چوري ٿيل موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائڻ ۾ پوليس ناڪام، ڌوهاري آزاد چورين ۾ اضافو روز جو معمول ڊي آئي جي حيدرآباد ايماندار پوليس آفيسر مقرر ڪري سيد الطاف شاهه شيرازي خبر موجب سماجي اڳواڻ سيد الطاف شاهه شيرازي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته هڪ طرف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز ۾ بدامني خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج جاري، ڌرڻو، نعريبازي

محمد يونس راڄپر، ايم ظفر تگڙ، منصور ميمڻ، مولابخش مشوري، ماجد تگڙ، اسد عمراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پوليس ڪجهه ڏينهن اڳ صحافي ماجد تگڙ تي اڪائونٽس آفيسر ميونسپل ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي: مظاهرين

ايس ايس پي هڪ چورن جي ساٿاري ايس ايڇ او عبدالخالق شاهه کي به هٽائي نٿي سگهي، نوٽيس ورتو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز ۾ بدامني خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج جاري رهيو ۽ 25 جنوري تي وزير اعليٰ هائوس ۽ آءِ جي آفيس اڳيان ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويو احتجاجي مظاهري کان پوءِ ڪئمپ تي ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي: سهراب ڳوٺ ٽائون جي وزير بروهي ڳوٺ تباهي جي ور چڙهي ويو

روڊ رستا ناليون ٽٽي تباهه ٿي ويون، اسڪولي ٻارڙن سان گڏ ملازم توڙي عورتون سخت پريشان ٿي ويا

سيوريج سسٽم تباهه ٿيڻ ڪري اڪثر روڊ رستا توڙي گهرن ۾ گندو پاڻي ڪاهي پيو، چونڊيل نمائندا غائب

پ پ جي چونڊيل نمائندن علائقي جي سار سنڀال نه لڌي، رهواسين پاران مسلسل تحريڪ هلائڻ جو اعلان

ڪراچي: انتظاميه جي نااهلي سبب ٿيل گندگي جو ڍير

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر) سهراب ڳوٺ ٽائون جي وزير بروهي ڳوٺ تباهي جي ور چڙهي ويو، پ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

امتياز شيخ جي مخالفت ۾ ٻيا ٻه اميدوار بيٺل آهن: وزير علي ٻرڙو

شڪارپور (رپورٽر) ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور جي ڪائونسلر ۽ وارڊ 27 جي مرزا برادري جي اڳواڻ . وزير علي ٻرڙو. ڳالهائيندي چيو آهي ته . جيئن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

وارهه ۾ ايندڙ عام چونڊن جي حوالي سان هڪ اعليٰ سطحي اجلاس

مرد ووٽرن جو تعداد 448329 ۽ عورت ووٽرن جو تعداد 372129 آهي: ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر

اليڪشن دوران شهري توڙي ٻهراڙين وارن فيڊرن تي ڪنهن به قسم جي لوڊشيڊنگ نه ڪئي وڃي

پولنگ اسٽيشنن تي سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون وينديون ته جيئن هر هڪ اٿندڙ چرپر تي نظر رکي سگهجي

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر ضلع قمبر شهدادڪوٽ سجاد حيدر قادري جي صدارت هيٺ ايندڙ عام چونڊن جي حوالي سان هڪ اعليٰ سطحي جي اجلاس ڊي سي آفيس قمبر ۾ منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ ضلعي جي سڀني سرڪاري ادارن جي سربراهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر ضلع قمبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين ۾ جي ڊي اي، جماعت اسلامي ۽ تحريڪ انصاف جي اميدوارن کي ٽڪيٽون جاري

جماعت اسلامي ماتلي جي قومي ۽ صوبائي سيٽن تي ٻن عورتن کي اميدوار نامزد ڪري ڇڏي

جي ڊي اي پاران بدين جي حلقي اين اي 222 ماتلي تلهار تي مير حسين بخش ٽالپر نامزد

پي ايس 71 بدين حسام مرزا، پي ايس 72 گولاڙچي امير حسن آزاد پنهور وڪيل شامل

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) ۽ جماعت اسلامي تحريڪ انصاف پاران بدين ضلع جي ٻن قومي ۽ پنجن صوبائي اسيمبلين جي تڪن تي پنهنجن اميدوارن کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏيا جن ۾ جماعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽو: ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (پرائمري) پاران اسڪول جو اوچتو دورو

اسڪول جي شاگردن کان نصاب مان سوال پڇڻ ۽ ٻارن جي جواب تي کين ڪيش انعامي رقم ڏيڻ سان پڻ نوازيو

اي او پاران اسڪول جي ٻن ٽيچرز مس حفيظان سولنگي ۽ مس فهميدا ياسمين قريشي اپريسيئشن سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا

اسڪول جي هيڊ مسٽريس زينب شاهين، ڊپٽي هيڊ عائشا ترمذي ۽ سينيئر ٽيچر شميرا جاويد ميمڻ سميت ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

ٺٽو: اسڪولن جي دوري دوران اڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (پرائمري) ٺٽو نظام الدين ڪلاڻي پاران ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شيخ پرکيو ۾ سنڌ آبادگار اتحاد پاران ساليانو اجلاس ڪوٺايو ويو، اڳواڻن جي شرڪت

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) شيخ پرکيو ۾ سنڌ آبادگار اتحاد جو ساليانو اجلاس شيخ پرکيو ۾ ٿي گذريو سنڌ آبادگار اتحاد جو اجلاس اتحاد جي صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز ۾ آل پاڪستان واپڊا ورڪرز يونين پاران احتجاج جاري

اسان جي ملازمن کان موڪلن واري ڏينهن به ڪم ورتو وڃي ٿو ۽ ملازمن کي ڏورانهن علائقن ڏانهن ڪم ورتو وڃي ٿو: مظاهرين

واپڊا جا ملازم جان جي خطري ۾ وجهي فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن پر ان جي باوجود اسان جا جائز مطالبا تسليم نه ڪيا پيا وڃن

فوري طور تي ملازمن جا جائز مطالبا مڃيا وڃن ۽ واپڊا جي ممڪنه نجڪاري جو فيصلو واپس ورتو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽر) آل پاڪستان واپڊا ورڪرز يونين سيپڪو سب ڊويزن نوشهروفيروز پاران واپڊا جي نجڪاري ۽ چارٽر آف ڊيمانڊ تي عمل نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي علي نواز ملڪ، محمد پڇل، ڄام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سکر ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل 5 مهينا گذرڻ باوجود قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا

پريس ڪلب آڏو پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويو

152 ڏينهن ٿي ويا آهن پر سنڌ حڪومت پنهنجي واعدن کي پاڙي ڏيڻ لاءِ عمل نه ڪيو آهي نه ئي قاتلن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

جيستائين قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي خاموش نه ٿينداسين، سنڌ جرنلسٽ ڪنوينشن جون تياريون جاري آهن

سکر: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل 5 مهينا گذرڻ باوجود قاتل گرفتار نه ڪيا ويا. 13 جنوري تي سکر پريس ڪلب ۾ آل سنڌ جرنلسٽ ڪنوينشن ۾ قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ پهچائڻ تائين جدوجهد کي تيز ڪندي نئين حڪمت عملي جو اعلان ڪيو ويندو سکر يونين آف جرنلسٽ پاران سکر جي شهيد ڪيل صحافي اينڪرپرسن جان محمد مهر جي قاتلن کي 152 ڏينهن ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به ايف آءِ آر ۾ نامزد ڪيل جوابدارن گرفتار نه ڪرڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو سکر يونين آف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

مٽياري ۾ آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئشن پاران احتجاجي مظاهرو

بنا جواز استادن جي جبري بدلي خلاف مين پرائمري اسڪول کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

استاد دشمن ڊي او پرائمري کي هٽايو وڃي ڊي او پنهنجي آفيس ۾ من پسند ڪلارڪ رکيا آهن: مظاهرين

پنهنجي پوسٽنگ واري جڳهه تي موڪليو وڃي هر ڪم لاءِ استادن کان رشوت گهرن ٿا، نوٽيس ورتو وڃي

مٽياري (رپورٽر) مٽياري ۾ آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئشن پاران بنا جواز استادن جي جبري بدلي خلاف مٽياري مين پرائمري اسڪول کان پريس ڪلب مٽياري تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي گل محمد همبوٽو رياض ساهڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 13 جنوري 2024ع

رياستي ادارن کي قانون تي عمل ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ بلوچ شاگردن جي گمشدگين خلاف ڪيس جي ٻڌڻي دوران جسٽس محسن اختر ڪياني ريمارڪس ڏنا ته، اهو ڪم ان ڪري ٿيندو آهي، ڇو ته هي انهن کي سنڀالي نٿا سگهن. ڇا ڪڏهن آءِ ايس آءِ انهن تي ڪيس داخل ڪرايو آهي؟ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني ڪيس جي ٻڌڻي شروع ڪئي ته اٽارني جنرل اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيو ۽ ٻڌايو ته گم ٿيل شاگردن جو انگ 16 رهجي ويو آهي، باقي آزاد ٿي ويا آهن. جسٽس محسن اختر ڪياني چيو ته رياست کي پاڻ چيڪ اينڊ بيلنس ڪرڻو پوندو، توهان ٽرائل ڪيو، ماڻهن کي عدالتن ۾ پيش ڪيو، بلوچستان جا ماڻهو وزارتون به وٺندا آهن ۽ پنهنجن کي تحفظ نٿا ڏئي سگهن. عدالت اٽارني جنرل کي هدايت ڪئي ته توهان بلوچستان ۾ عدالتن کي فعال ڪيو. جسٽس محسن اختر ڪياني چيو، چور ۽ ڦورو دنيا جي هر ڪنڊ ۾ موجود آهن. ٻيا ملڪ انهن سيني معاملن کي اڪلائي ڇڏيندا آهن، اولهه ملڪن ۾ به وڏي قاتل جي به ضمانت ٿي ويندي آهي پر هتي اسان ائين ناهيون ڪندا. توهان اهو سوچيو ته جن جو پيارو گم ٿي وڃي، انهن جي ٻارن تي ڇا گذرندي هوندي. هن ريمارڪس ڏنا ته رياست جي ادارن کي قانون جي پاسداري تي يقين ڪرڻ گهرجي. رياستي ادارا عدالتن تي يقين ناهن ڪندا، تنهن ڪري ماڻهن کي ڪنيو پيو وڃي. عدالت ڪوهسار ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي پريس ڪلب ٻاهران ويٺل ٻنهي ڌرڻن جي ماڻهن کي سيڪيورٽي مُهيا ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ ڪيس جي ٻڌڻي 13 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج جو اهو رمارڪس "رياستي ادارا عدالتن تي يقين ناهن ڪندا" هڪ اهڙي حقيقت ڏانهن اشارو آهي، جنهن جو دنيا ۾ ڪو مثال نٿو ملي. اهو ملڪ ۾ ادارن پاران قانون جي ٿيندڙ احترام جي صورتحال جو چٽو ثبوت آهي. جيڪڏهن اها ڳالهه عام ماڻهون ڪري ته ان جي گهڻي اهميت نه جڙي ها، پر هڪ جج جي آيل رمارڪس مان اها ڳالهه سمجهڻ ڏکي ناهي ته ملڪ ڪهڙي طرف وڃي رهيو آهي. ڇا هڪ جج جي اهڙي رمارڪس مان ملڪ ۾ هلندڙ قانون "جيڪو ڏاڍو سو گابو" وارو تصور نٿو پيدا ٿئي؟

هن ملڪ ۾ هڪ عرصي کان ادارا قانون کي لتاڙيندا رهيا آهن. جڏهن ته ملڪ جي عوام کي قانون تي پاسداري جو سبق ڏنو وڃي ٿو. هڪ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس پاران اهڙي همت واري راءِ کي جاچڻ جي لاءِ گهڻا ئي مثال ڏئي سگهجن ٿا. پر سوچڻ ۽ لوچڻ جو مقام هي آهي ته جڏهن خود قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وٽ قانون جو ڪو احترام نه آهي، ته پوءِ باقي ماڻهن تي اهو بندوق جي زور تي مڙهڻ سان ئي ملڪ ۾ وڌيڪ خرابيون پيدا ٿينديون.

چوڻ جي لاءِ ملڪ ۾ قانون جوڙڻ جي لاءِ پارليامينٽ آهي، ان تي جي تشريح ۽ ان بابت عمل جي هدايت ڏيڻ جي لاءِ عدليه به آهي ان تي عمل ڪرڻ جي لاءِ نالي ۾ انتظاميه ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا پڻ آهن، پر اهو سڀ ڪجهه گهڻو عملي نه آهي، جنهن ڪري وقت گذرڻ سان گڏ اهڙا معاملا ڪنهن نه ڪنهن فورم تي بحث ۾ ايندا آهن. ته ڪي بااثر ادارا ملڪ ۾ لاڳو قانون تي عمل نٿا ڪن.

جيتوڻيڪ دنيا ۾ قانون جنهن اعليٰ معيار تي آهي، ان طرف اجان اسان جي اختيارين سفر شروع نه ڪيو آهي پر جهڙو به قانون آهي ان تي عمل نه ٿيڻ ئي اصل مسئلو آهي. جڏهن اهڙا صورتحال سامهون اچي ٿي ۽ ان بعد جيڪڏهن ڪو قانون تي عمل جي ڳالهه ڪري ٿو ته سوين سوال عوام جي ذهن ۾ پيدا ٿين ٿا.

ملڪ جي سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي گهرجي ته ملڪ جن حالتن مان گذري رهيو آهي، ان کي محسوس ڪندي جيڪو به قانون ملڪ ۾ لاڳو آهي ان تي عمل ڪيو وڃي، ان ڪانسواءِ ڪو به نتيجو نه نڪرندو. اهڙي روش تبديل نه ٿيڻ سان عوام سان گڏ ملڪ کي به پورائي نه ٿي سگهڻ جهڙو نقصان ٿيندو.

سنڌ ۾ انساني ترقيءَ جي حالت

نصير ميمڻ

گذريل هفتي آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جي تنظيم سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) پاران ڪراچي ۾، سنڌ ۾ انساني ترقيءَ جي صورتحال بابت نهايت جامع ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. سنڌ ۾ مختلف مسئلن بابت ڪانفرنسون ٿينديون رهن ٿيون پر انساني ترقيءَ جي مجموعي صورتحال تي ايترو گهڻ پاسائون بحث گهٽ ٿيو هوندو. ڊاڪٽر پرويز هودڀائي، قيصر بنگالي، سميت ملڪ توڙي صوبي جي ڪيترن ئي نالي وارن ماهرن جو اهو ڪٺ هر لحاظ کان نهايت اهم هو. دنيا ۾ سماجن جي ترقيءَ جي ماپڻ ۽ معيارن بابت بحث پراڻو آهي. ڪجهه ڏهاڪا اڳ تائين ترقي ۽ غربت يا محروميءَ کي رڳو معاشي/مالي بنيادن تي ماپيو ويندو هو ان ماپي جو بنياد آمدني ۽ خرچ تائين محدود هو. وقت گذرڻ سان "ترقي" لفظ جي وصف کي وسعت ملي. ترقيءَ جي ماهرن جو چوڻ هو ته ترقي يا محرومي رڳو سراسري آمدنيءَ جو معاملو نه آهي. سماجي حوالي سان ان کي مجموعي انساني ترقي ۽ جتادار ترقيءَ جي وسيع وصف هيٺ آندو ويو. هاڻي انساني ترقي رڳو فرد جي آمدنيءَ تائين محدود ناهي رهي. ساڳي طرح ڪنهن علائقي/سماج جي ترقي رڳو روڊن رستن تائين محدود ناهي رهي. هاڻي ترقيءَ جي وصف زندگيءَ جي مجموعي معيار سان ماپي وڃي ٿي. عالمي ترقياتي ادارا ۽ ٿنڪ ٽئنڪس هاڻي ڪنهن به خطي جي ترقيءَ جي صورتحال بابت انهن رپورٽن کي مضبوط دليل طور تسليم ڪن ٿا. سنڌ ۾ ان پاسي کان جيئن ته بحث گهٽ ٿيو آهي. تنهنڪري انهن رپورٽن کي پڙهڻ ۽ انهن جي آڌار سنڌ جي ترقي/ بدحاليءَ جو ڪيس ٺاهڻ جي ڪوشش به ناهي ڪئي وئي. سياسي تنظيمون انهن رپورٽن کي پنهنجي دليل طور ايڪڙ ٻيڪڙ ئي استعمال ڪن ٿيون. مان وقت بوقت پنهنجي لکڻين ۽ پروگرامن ۾ انهن رپورٽن جا حوالا ڏيندو رهندو آهيان. هن وقت يو اين ڊي پي جي انساني ترقيءَ واري ساليانى رپورٽ ۽ گهڻ پاسائين غربت بابت رپورٽ نهايت اهم حوالي طور مڃيون وڃن ٿيون. اهي ٻه رپورٽون انساني ترقي جي اهم اهڃاڻن جهڙوڪ: تعليم، صحت، پيئڻ جي پاڻي، نيڪال جي سرشتي، آمدني، عورتن جي حالت، توانائي ۽ ٽيڪنالاجيءَ تائين پهچ جهڙن اهم پاسن کي ترقيءَ جي تجزيي جو بنياد بڻائين ٿيون. جيڪڏهن پاڪستان بابت انهن رپورٽن کي غور سان ڏسجي ته انهن ۾ سنڌ جي حوالي سان سياسي ڪيس لاءِ نهايت ڪارائتا انگ اکر ۽ دليل موجود آهن.

سانا جي ڪانفرنس ۾ سنڌ جي انساني ترقيءَ جي صورتحال بابت اهي سڀ پاسا بحث هيٺ آندا ويا. ان لحاظ کان هيءَ ڪانفرنس سنڌ جي ترقي/ محروميءَ جو هڪ گهڻ پاسائون تجزيو هئي. 2016ع ۾ يو اين ڊي پي پاران پاڪستان ۾ گهڻ پاسائين غربت بابت 116 صفحن تي ٻڌل رپورٽ جاري ڪئي وئي هئي. 2020ع ۾ يو اين ڊي پي پاران ملڪي انساني ترقيءَ واري صورتحال بابت رپورٽ جاري ڪئي وئي. 2022ع ۾ ورلڊ بينڪ پاران ملڪ ۾ انساني سرمائي بابت هڪ تفصيلي رپورٽ جاري ڪئي وئي. اهي ٽئي رپورٽون سنڌ جي معاشي ۽ سماجي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ نهايت اهم دستاويز آهن.

يو اين ڊي پي جي گهڻ پاسائين غربت واري رپورٽ موجب سنڌ جي ٻهراڙين ۾ 75 سيڪڙو گهراڻا گهڻ پاسائين غربت جو شڪار هئا. ان جي ڀيٽ ۾ پنجاب ۽ پختونخوا جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ اها شرح ترتيبوار 43.7 سيڪڙو ۽ 57.8 سيڪڙو هئي. بلوچستان جي صورتحال سنڌ کان به بدتر هئي. جتي ٻهراڙين ۾ اها شرح 84.6 سيڪڙو هئي. سنڌ جي جن ضلعن ۾ گهڻ پاسائين غربت گهڻي هئي، انهن ۾ بدين 74.8 سيڪڙو، جيڪب آباد 71.3 سيڪڙو، قمبر-شهدادڪوٽ 72 سيڪڙو، ٽنڊو محمد خان 78.4 سيڪڙو، عمرڪوٽ 84.7 سيڪڙو ۽ ٿرپارڪر 87 سيڪڙو شامل هئا.

ورلڊ بينڪ جي هيومن ڪيپيٽل رپورٽ ۾ سنڌ جي صورتحال کي آفريڪا جي ملڪ نائجيريا سان ڀيٽيو ويو آهي. اهي رپورٽون سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن جي بدحاليءَ جي تصوير پيش ڪن ٿيون. ياد رهي ته اهي رپورٽون 2022ع واري ٻوڏ جي تباهيءَ کان اڳ وارن انگن اکرن تي ٻڌل آهن. 2022ع واري ٻوڏ سنڌ جي ان بدحاليءَ کي ويتروڌائي ڇڏيو آهي. سنڌ ۾ ٻوڏ کان اڳي به غربت ۽ بدحالي گهٽ ڪانه هئي. مثال طور: سنڌ بيورو آف اسٽيٽڪس جي ساليانى رپورٽ موجب: 2017ع ۾ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ 60 سيڪڙو گهر ڪچا هئا. ڪيترن ئي ضلعن جي ٻهراڙين ۾ اها شرح بدترحالت ۾ هئي. مثال طور: بدين جي ٻهراڙين ۾ 80 سيڪڙو، جيڪب آباد ۾ 72 سيڪڙو ۽ ميرپورخاص ۾ 71 سيڪڙو گهر ڪچا هئا. هن ٻوڏ ۾ سنڌ جي 24 ضلعن ۾ 20 لک گهر مڪمل طور يا جزوي طور ڊهي چڪا آهن. سنڌ حڪومت انهن گهرن کي پڪي گهر طور اڏڻ لاءِ رٿا شروع ڪئي آهي پر ان جي رفتار سست آهي. اها رٿا مڪمل ٿيڻ سان انهن گهراڻن کي قدرتي آفتن دوران نقصان کان بچاءُ ميسر ٿيندو.

انساني ترقيءَ جي حوالي سان هڪ اهم شعبو تعليم جو آهي. سنڌ ۾ تعليم جي مجموعي صورتحال گهڻي عرصي کان خراب آهي. اڳي ئي صوبي ۾ 60 لک جي لڳ ڀڳ ٻار اسڪولن کان ٻاهر هئا ته وري مٿان ٻوڏ ۾ سنڌ جي 20 هزار اسڪولن جي عمارتن کي نقصان پهتو آهي. ٻين لفظن ۾ ته سنڌ گذريل مُني صديءَ ۾ جيترو اسڪولي ڍانچو ٺاهيو هو، ان جو 40 سيڪڙو پٽ پئجي چڪو آهي. ڇوڪرين جي اسڪولن جو ٽيون حصو ٻوڏ جي ور چڙهيو آهي. اڳي ئي رڳو 40 سيڪڙو اسڪولن کي چوديواري ۽ ٽوائليٽ جي سهولت هئي ۽ ٻوڏ ۾ ان جو 70 کان 80 سيڪڙو ڊهي چڪو آهي. تعليم کاتي جي پنهنجي ڪاٿي موجب صوبي جا اهي ڊٺل اسڪول ڇهن ڪمرن جي ڍانچي طور بحال ڪرڻ لاءِ 224 ارب رپيا گهربل آهن. تعليم کاتو صوبي جي بجيٽ ۽ پرڏيهي امداد وسيلي هينئر تائين مس 37 ارب رپين جو بندوبست ڪري سگهيو آهي. صوبي جي تعليم کاتي جي ترقياتي بجيٽ ساليانو مس 16.5 ارب رپيا آهي. ان لحاظ کان ته اهي سمورا اسڪول نئين سر ٺاهڻ ۾ 13 سال لڳي ويندا. اهو به تڏهن، جي اهي سمورا پئسا رڳو ان ڪم لاءِ رکيا وڃن ۽ نيڪ طرح سان خرچ ڪيا وڃن. هيءَ ته رڳو اڏاوتي ڍانچي جي ڳالهه آهي. هتي اجان تعليم جي معيار تي ڳالهه نه ٿي آهي. ان کان به وڌيڪ اهم سوال جيڪو انساني ترقيءَ جي حوالي سان نهايت اهم آهي. اهو تعليم کاتي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر شيرين ناريجو سانا ڪانفرنس ۾ ورجائي چوندي رهي ته. "تعليم ڇا لاءِ".

ساڳي طرح صوبي اندر هڪ هزار کان وڌيڪ صحت مرڪز برساتن ۽ ٻوڏ ۾ تباهه ٿي چڪا آهن. انساني ترقيءَ جي اهڃاڻن ۾ عورتن جو وير دوران موت ۽ نون ڄاول ٻارن جا موت اهم اهڃاڻ آهن. هڪ ڪاٿي موجب، ٻوڏ دوران متاثر ٿيل آباديءَ ۾ رڳو 3 لک، 50 هزار ڳورهارين عورتون به هيون. انهن عورتن مان ٻوڏ دوران ڪيترين ٻچي سگهيون يا ڪيترين جا ٻار جيئرا ڄاوا، اهي انگ به ڪٿان نه پيا ملن. رڳو سال 2023ع ۾ سنڌ ۾ سرڪاري طور مڃيل انگن موجب ساڍا 5 لک ماڻهو مليريا سبب بيمار ٿيا آهن. اصل انگ الائي ڪيترو هوندو.

سڄي صوبي ۾ ڪٿي به پيئڻ جو پاڻي صحت واري عالمي اداري جي معيار مطابق نٿو ملي. ٻوڏن جو پاڻي مهينن تائين بيٺو رهڻ ڪارڻ جر مڪمل طور خراب ٿي چڪو آهي. شهري علائقن ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي جي سهولتن جو حال به خراب آهي. شايد ئي ڪنهن ٽانڪيءَ ۾ پيئڻ جو معياري پاڻي ايندو هجي. ان سبب لکين ماڻهو هر سال اسپتالن پيرا ٿين ٿا. عوامي ترقيءَ سان لاڳاپيل هر شعبي ۾ بربادي جا اهڃاڻ آهن. سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ سماجي سائنس جا شعبا موجود آهن پر انهن مان ڪا به يونيورسٽي سنڌ ۾ انساني ترقيءَ جي صورتحال بابت ڪا رپورٽ جاري نٿي ڪري.

سانا پاران ڪرايل اها ڪانفرنس سنڌ ۾ انساني ترقيءَ جي صورتحال بابت ڄاڻ تي ٻڌل ڳالهه ٻولهه جي حوالي سان هڪ اهم اڳڀرائي هئي. ان سلسلي کي جاري رکڻ جي ضرورت آهي. ان ڪانفرنس کان اڳ به سانا آدم گِٽپ واري معاملي تي ڪانفرنس ڪرائي، ان معاملي کي سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ بحث هيٺ آندو هو. ساڳي طرح ٻوڏ جي اثرن ۽ آفتن کان بچاءَ بابت به سانا نهايت زبردست ڪانفرنس ڪرائي هئي. پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌين جي نمائنده اداري طور سانا آمريڪا توڙي سنڌ ۾ اهم موضوعن تي ڪانفرنسون ڪرائي ۽ سنڌ ۾ خاص طور تي تعليم جي حوالي سان ساڪائتن ادارن کي جيڪا مالي واهر فراهم ڪئي آهي، اها نهايت واکاڻ جوڳي آهي.

هي آرٽيڪل روزاني پنهنجي اخبار جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿو.

ڪُوتي ڪُهي سُپرين، ڪُوتي ڪُهڻ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نِينهن جي، پاسي ڪَرَ مَ پاڻُ؛
ڄُلُ، وِڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

نفسياتي مسئلا به انساني حقن سان جڙيل آهن

حسن جان سومرو

شاعر هڪ اهڙي دنيا ناهيندا آهن، جيڪا رهڻ جي لائق هجي. شاعري جو مقصد ادب آهي ادب شاعري جو بنياد آهي. ادبي تخليقون سماج لاءِ ڪيتري قدر فائديمند آهن. ان جو جواب هڪ ليکڪ ۽ پڙهندڙ ئي ڏئي سگهي ٿو. پاڪستان جو نوجوان طبقو نفسياتي طور هن وقت هڪ تمام وڏي جنگ وڙهي رهيو آهي. ادب نه رڳو انساني نفسيات سان جڙيل معاملو آهي پر هڪ سماجي الميو هجڻ سان گڏوگڏ معاشي سطح جو معاملو پڻ آهي.

ادب جي تخليق ذهني صحت سان جڙيل هوندي آهي. هڪ صحتمند دماغ ئي صحتمند ادب تخليق ڪري سگهي ٿو. ادب انساني تاريخ جو اهم ترين ۽ سگهارو پاسو آهي. ادب انساني سماجي اڏاوت ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اسان جي معاشري ۾ اڪثر ترقي پسند ذهن ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو ادب جي نفسياتي ۽ سماجي پاسن تي تحريرون لکندا آهن پر ادب جو نوجوانن جي نفسيات تي ڪهڙو اثر پئي ٿو ان پاسي تي ڪڏهن انهن روشني ناهي وڌي. ڇاڪاڻ ته نوجوان معاشري جو اهو اثرائتو پاسو آهي جنهن تي جيڪڏهن ڪم ٿئي ته سماج ۾ تمام وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي. ترقي پسند ذهن جي هميشه سماجي توڙي سياسي ادبي اوسر ٿيندي رهندي آهي. ادب ۽ علم ۽ ڪتابن سان جڙيل ماڻهو ڪڏهن به خودڪشي جي وڌندڙ رحجان جو شڪار ناهي ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ادب جو سماجي ۽ نفسياتي طور تمام وڏو ڪردار آهي. ادب ذهني شعور جو هڪ اهم اهڃاڻ آهي. جنهن سان معاشري ۾ نظم ۽ ضبط جو نظام وڌيڪ سگهارو ٿئي ٿو.

معاشري ۾ خودڪشين جا ڪيئي ڪارڻ آهن پر اڪثر نفسياتي دٻاءَ جو شڪار ماڻهو سماجي تضادن کي سمجهڻ بجاءِ عقيدي رسمن ۾ گمراهه ٿي ويندا آهن. هي تضاد سائنسي مداخلت جي بجاءِ قديم روحاني رسمن غلط تشريح ٿيل مذهبي عقيدن جي ڪري وڌيو آهي. اهو عمل خاص طور تي غريب علائقن ۾ پوئتي پيل ماڻهن کي وڌيڪ متاثر ڪري ٿو. پاڪستان کي انساني حقن جي حوالي سان هڪ سخت ترين چيلنج کي منهن ڏيڻو پئي ٿو. نفسياتي مسئلا انساني حقن سان جڙيل آهي انسان جڏهن نفسياتي دٻاءَ جو شڪار ٿئي ٿو ته انهن ۾ بنيادي سهولتن جي اڻهوند سبب ماڻهو وڌيڪ نفسياتي بيمارين ۾ مبتلا ٿين ٿا. جنسي مسئلا ۽ انساني دماغ جي صحت سان جڙيل آهن. هڪ بيمار ذهن سماج لاءِ ڪيتري قدر نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو، ان جو اندازو پوئتي پيل معاشرن ۽ سماجن مان چٽو نظر ايندو. نفسياتي بيمارين ۽ غيرصحتمند ذهن جو وڏو ڪارڻ بيمار ذهن آهن. جيڪي معاشري لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪن ٿا. نفسياتي طور دٻاءَ جو شڪار ماڻهن کي ڪيترن ئي سماجي ثقافتي عملن ڏانهن انهن جو ڌيان ڇڪايو ويو آهي. پاڪستان ۾ ذهني صحت جي حوالي سان ماڻهن ۾ ڪنهن به قسم جي آگاهي ناهي ڏني وئي ته آخرڪار ماڻهن سان ڪهڙي قسم جون ذهني ۽ نفسياتي قسم جون بيماريون جڙيل آهن. جهڙوڪ شيزوفرينيا ۽ آٽزم ۾ قائل ماڻهو اڪثر پنهنجي ذهني پريشاني توڙي بيماري کي لڪائڻ جي ڪري غلط استعمال ڪيو ويندو آهي. يا ڪني طريقي سان قاسندر آهي يا وري ٻئي لاءِ نقصانڪار بڻجندو آهي. جنهن لاءِ پڻ قانوني سڌارن جي هڪ اهم ضرورت آهي. جيڪي ذهني صحت جي مسئلن سان منهن ڏيڻ لاءِ مضبوط تحفظ فراهم ڪن.

پاڪستان هڪ نازڪ موڙ تي بيٺو آهي. تازو قانوني سڌارن سان ذهني صحت جي سنڀال ۾ پيش رفت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. خودڪشي جي ڪوشش کي جرم قرار ڏيڻ سزا جي قدمن کان پري هڪ قابل تحسين قدم هو. ذهني بيماري جي اپرنڊ سچائپ کي اشارو ڏئي ٿو عوامي سطح تي صحت جي معاملي جي تصوير ڏاڍي ڀيانڪ آهي. هڪ مجرمانه غفلت جي ڪري هزارين جانيون ضايع ٿي وڃن ٿيون. بهرحال، پاڪستان ۾ ذهني صحت جي سار سنڀار جون حقيقتون، جيئن ته خودڪشي جهڙي عمل ۾ ٿيل اضافي مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته ذهني صحت جي ماهرن جو سهولتن جي اٿيوري تعداد، خاص ڪري ٻهراڙي وارن علائقن ۾، سڌارن جي سخت ضرورت آهي.

هن وقت پاڪستان جو ذهني صحت جو فريم ورڪ خطرناڪ حد تائين متاثر ٿيو آهي. پاڪستان ۾ نفسيات هڪ اهم موڙ تي بيٺل آهي. جيڪو پنهنجي نوآبادياتي ورثي کي همعصر انساني حقن ۽ نفسياتي عملن سان ملائڻ جي چيلنج کي منهن ڏئي رهيو آهي. اسان جو قانوني سرشتو، جيڪو اڪثر طاقتورن جي هٿن ۾ آهي. جيئن صحتمند دماغ ۽ صحتمند جسم انساني بقا جي لاءِ لازمي هوندو آهي ادب ۽ تخليقڪار حقيقت ۾ سماج جا اهي روشن پاسا آهن. جيڪي صدين جي غلام بڻيل ذهن کي ڌرتي صاف ڪن ٿا. حڪومت کي گهرجي ته ننڍن وڏن شهرن ۾ لائبريرين جو رحجان عام ڪري ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري عوامي فرض کي يقيني بڻائي. انصاف جو نظام، ڪمزور گروهن توڙي ڪمزور فردن ۽ قبيلن کي بچائڻ ۾ ناڪام ويو آهي ان ڪري صحت جهڙن پيچيده معاملن کي آئيني گهرجن مطابق قانون مطابق ۽ شعوري سطح ۽ جاڳرتا جي طور حل ڪيو وڃي. ادب انساني اظهار جو اعليٰ شاهڪار آهي. ادب جيڪو سماج ۾ مظلومن جي ڏکن ۽ مسئلن جي حل لاءِ تبديليءَ جي راهه هموار ڪري ٿو ادب جو سماج ۾ عورتن جي حقن لاءِ اُڀرڻ واري هر تحريڪ جي ترجماني پڻ ڪندو آهي ڇاڪاڻ ته ادب سماجي توڙي سياسي شعور آڻڻ جو واحد طريقو آهي. جنهن سان معاشري ۾ تبديلي اچي ٿي، سماج ۾ تبديليءَ جو عنصر ڇو خاموش آهي؟ ان مان عوام جي آواز ۽ مظلومن جي بقاءَ جو نعرو ڇو خاموش ٿي ويو آهي. ان جو جواب ادب ئي ڏئي سگهي ٿو ادب جو سماج ۽ انسانيت سان گهرو تعلق آهي. ادب جا نه رڳو نفسياتي فائدا آهن پر گڏوگڏ ادب جا سماجي ۽ سياسي فائدا پڻ آهن. ڇاڪاڻ ته ادب ئي واحد ذريعو آهي جيڪو هر سماج جي نفسياتي سماجي نقصانن جي پروڙ ڪري سگهي ٿو ادب سماجي اوسر جو واحد ذريعو آهي. جنهن سان معاشري ۾ سماجي ۽ سياسي تضادن جي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. منهنجي نظر ۾ اڄ جي نوجوان کي گهرجي ته نفسياتي بيمارين جي ڄار ۾ ڦاسڻ بدران ادب جو هٿ پڪڙڻ گهرجي. جنهن سان نوجوان ڪيترن ئي مسئلن مان آجو ٿي سگهي ٿو.

بقايا ⁂ 01

صدر جوبائڊن چيو آهي ته حملا ڳاڙهي سمنڊ ۾ بين الاقوامي جهازن تي حوثي باغين جي حملن جو جواب آهن. برطانوي وزيراعظم رشي سونڪ جو چوڻ آهي ته حوثي باغين کي جهازن تي حملن کان روڪڻ لاءِ ڪيترائي ڀيرا خبردار ڪيو ويو هو اهڙي صورتحال برداشت نه ٿي ڪري سگهجي، سعودي عرب امريڪي ۽ برطانوي حملن تي ڳڻتي ظاهر ڪري ڇڏي.

بقايا ⁂ 02

سبب 3 مهينن لاءِ عام چونڊون ملتوي ڪيون وڃن چونڊ مهم دوران اميدوارن تي قاتلاڻن حملن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. ٺهراءِ ۾ چيو ويو آهي ته سينيٽ سپريم ڪورٽ ۽ اليڪشن ڪميشن کي اپيل ڪري ٿي ته چونڊون ملتوي ڪرڻ واري بابت همدرداڻو غور ڪيو وڃي.

بقايا ⁂ 03

مبين جمالي چيو آهي ته جيڪي آفيسر نيب يا ڪنهن ٻئي اداري ۾ ڪرپشن ڪرڻ ۾ ملوث هوندا، اهڙن آفيسرن کي عهدن تان برطرف ڪيو ويندو. ڪي ڊي اي جي ملازمن جي پگهارن ۽ رٽائرڊ ملازمن جي پينشن ۽ ٻين ادائيگين جو وڏو مسئلو آهي پر اسان ان کي جلد کان جلد حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ڪي ڊي اي جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو گلن جي نمائش ڪئي وئي آهي، جيڪا بهتر ڳالهه آهي. اهڙن خيالن جو اظهار نگران صوبائي وزير گذريل ڏينهن ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي جي هيڊ آفيس ۾ منعقد ٿيل ٽن ڏينهن واري گل دائودي گلن جي نمائش جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي نويد انور، چيف انجنيئر/ميمبر ٽيڪنيڪل طارق رفيع، ميمبر فنانس وريل انڙ، سيڪريٽري ڪي ڊي اي بهزاد عامر ميمڻ، ڊائريڪٽر پارڪس محمد زاهد ۽ ٻيا پڻ ساڻس گڏ هئا. تقريب کي خطاب ڪندي محمد مبين جماليءَ وڌيڪ چيو ته 1947ع ۾ ڪراچي جي آبادي 3 لک هئي ان جي برعڪس اڄ اها آبادي 3 ڪروڙ کان وڌي وئي آهي ۽ ڪي ڊي اي جي اربين روپين جي زمين تي مافيا قبضو ڪري چڪي آهي، قبضن کي هٽائڻ لاءِ هنگامي اپاءَ وٺڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. اسان قبضا ڪيل زمينن جون لسٽون مختلف ادارن کي پهچائي ڇڏيون آهن. نگران صوبائي وزير محمد مبين جمالي چيو ته ڪي ڊي اي کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ سمورا اپاءَ ورتا پيا وڃن ته جيئن هي ادارو اڳ وانگر مضبوط ۽ خودمختيار بڻجي سگهي. هن چيو ته ڪي ڊي اي جي ترقي دراصل ڪراچي شهر جي ترقي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ نگران صوبائي وزير چيو ته اسان چاهيون ٿا ته اهڙو روڊ ميپ ٺاهيو وڃي ته ايندڙ حڪومتون ان تي عمل ڪري سنڌ صوبي جي شهر ڪراچي کي ترقي يافته شهر بڻائي سگهجي. هن سوال جو جواب ڏيندي چيو ته مان پنهنجي پوري ڪوشش ڪندس ته ڪي ڊي اي جو ڪم اڳ وانگر گرانٽ وارو مسئلو حل ڪريان. سوال جو جواب ڏيندي هن چيو ته ڪي ڊي اي ايس بي سي اي سميت ٻين ادارن جون جيڪي بقاياجات آهن انهن کي جلد ادا ڪيو ويندو. منهنجي اچڻ کان پوءِ مون 10 کان 12 اهڙا آفيسر آندا آهن جيڪي ڪي ڊي اي سان لاڳاپيل نه هئا. انهن کي ٻيهر سندن جي کاتي ۾ واپس موڪليو ويو آهي. هن چيو ته ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي پاران ڪي ڊي اي جي زمينن کي نيلام ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن ۽ جلد ئي ڪي ڊي اي جي انهن سمورين زمينن تي پڻ ترقياتي منصوبا شروع ڪنداسين. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ محمد مبين جمالي چيو ته سينيئر ججن جون استعيفائون ۽ سيڪريٽري

اليڪشن ڪميشن جي استعيفيٰ هن ملڪ جي مفاد ۾ ناهي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي نويد انور جو چوڻ هو ته گلن جي نمائش 12 کان 15 جنوري تائين صبح 10 وڳي کان شام 6 وڳي تائين جاري رهندي، جتي رنگ برنگي، خوبصورت ۽ مختلف قسمن جا گل ٻارا توڙي وڏا ڏسندا. جڏهن ته مختلف قسمن جا ٻوٽا سرءَ جي موسم ۾ بهار جو منظر پيش ڪري رهيا آهن. گلن جي نمائش موجوده سخت حالتن ۾ تازي هوا جي جهوٽي برابر آهي. هن چيو ته ڪي ڊي اي جي اسڪيمن ۽ ٽائون شپ ۾ جلد ٻوٽن جو دائرو وڌايو ويندو ۽ ٻوٽا لڳائڻ جو عمل شروع ڪيو ويندو. شهر ۾ وڌندڙ آلودگي کي ختم ڪرڻ واري مقصد تحت حڪمت عملي اختيار ڪئي پئي وڃي. تقريب ۾ سي بي اي ڪي ڊي اي ايمپلائيز يونين جي صدر عبدالمعروف، ڪي ڊي اي آفيسرز ايسوسي ايشن جو جنرل سيڪريٽري عمران اعجاز، ڪي ڊي اي ليبر يونين جو سرپرست اعليٰ محمد اشرف، صدر محمد اشرف، ڪي ڊي اي ليبر يونين جو اڳواڻ عبدالمتين شيخ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا ⁂ 04

نقوي خلاف شڪايت وارو معاملو بحث هيٺ آيو. جڊيشل ڪائونسل مظاهر نقوي ۽ سندس وڪيل خواجا حارث کي نوٽيس جاري ڪيا هئا، جڏهن ته سپريم جڊيشل ڪائونسل ۾ شڪايتن کي منهن ڏيندڙ جج جسٽس مظاهر نقوي استعيفيٰ ڏئي چڪو آهي. اجلاس دوران خواجا حارث جي مددگار وڪيل چيو ته خواجا حارث لاهور مان اچي رهيو آهي، اسان کي ڪائونسل جي ڪارروائي تي اعتراض آهي، مظاهر نقوي هاڻي جج ناهي رهيو سندس خلاف ڪارروائي نه ڪئي وڃي. اجلاس ۾ رجسٽرار مظاهر نقوي جي وڪيل خواجا حارث جو موڪليل جواب پڙهي ٻڌايو ته ڪائونسل رڳو سپريم ڪورٽ جي جج خلاف ڪارروائي ڪري سگهي ٿي، رٽائرڊ جج خلاف ڪارروائي نٿي ڪري سگهي. جنهن تي اٽارني جنرل چيو ته رٽائرڊ جج خلاف ڪارروائي نه ڪرڻ واري فيصلي خلاف عافيا شهر بانو ڪيس جي فيصلي تي اسان اپيل داخل ڪري رهيا آهيون. چيف جسٽس چيو ته عافيا شهر بانو ڪيس جي فيصلي موجب، سپريم جڊيشل ڪائونسل رڳو جج خلاف ئي ڪارروائي ڪري سگهي ٿي، ان ڪيس کي وري اٺ فيبروريءَ چونڊن ڪانپوءِ ٻڌنداسين. سپريم جڊيشل ڪائونسل جي ڪارروائي پندرهن فيبروريءَ تائين ملتوي ڪري ڇڏي، ٻئي پاسي عدالت ڪائونسل اجوڪي اجلاس جو حڪمنامو لکت ۾ جاري ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته اٽارني جنرل چيو ته هو عافيا شهر بانو فيصلي خلاف اپيل داخل ڪري رهيا آهن. حڪمنامي موجب، اٽارني جنرل چيو ته کين اها هدايت وفاقي حڪومت طرفان ملي آهي انڪري اهو اجلاس 15 فيبروريءَ تائين ملتوي ڪيو وڃي ٿو هو ڏانهن حڪومت عافيا شهربانو ڪيس ۾ اپيل داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو ۽ رٽائرڊ ججز خلاف ڪارروائي نه ڪرڻ واري فيصلي خلاف اپيل داخل ڪئي ويندي، اٽارني جنرل فيصلي بابت سپريم جڊيشل ڪائونسل کي باضابطا طور آگاهه ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا ⁂ 05

جي اڳواٽي جج مظاهر علي اڪبر نقوي ڪانپوءِ گذريل ڏينهن جسٽس اعجاز الاحسن به پنهنجي استعيفيٰ صدر ڏانهن اماڻي هئي. جسٽس اعجاز الاحسن هلندڙ سال آڪٽوبر ۾ سينيارٽي جي حساب سان ملڪ جو نئون چيف جسٽس مقرر ٿيڻ وارو هو . جسٽس اعجاز الاحسن چيف جسٽس طور آگسٽ 2025 ۾ رٽائر ٿئي ها

بقايا ⁂ 06

ڪي تنبيهه ڪندي چيو ته پنهنجو موڪل کي سنڀاليو. ٽرمپ خلاف سول فراڊ جو ڪيس داخل آهي. هن تي ڪاروباري اثاثن جي وڌيڪ ملڪيت ٻڌائي بينڪن ۽ انشورنس ڏيندڙن کي دوکو ڏيڻ جو به الزام آهي. نيويارڪ جي اٽارني جنرل عدالت کان ٽرمپ تي گهٽ ۾ گهٽ 370 ملين ڊالر ڏنڊ هڻڻ ۽ سندس پٽن جي نيويارڪ ۾ ڪاروبار تي مستقل پابندي لڳائڻ جي درخواست ڪئي آهي. ميڊيا رپورٽن موجب ٻڌڻيءَ دوران ٽرمپ حتمي دليل پاڻ ڏيڻ چاهي پيو پر ڪجهه پابندين کي تسليم ڪرڻ کان انڪار سبب کيس اجازت نه ڏني وئي. جج آرٿر ٽرمپ جي وڪيل کي ٻڌڻ بعد اڳواٽي صدر کي مختصر بيان جي اجازت ڏيندي چيو ته هو عدالت جي ڪمري جو احترام ڪري. جج پاران خبردار ڪرڻ جي باوجود ٽرمپ عدالت جي ڪمري کي چونڊ دنگل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. چيائين ته پراسيڪيوٽر جي ڪوشش آهي ته کيس ٻيهر صدر بڻجڻ کان روڪي ۽ جيڪڏهن هو ان ڳالهه تي نٿو ڳالهائي سگهي ته اِهو ٺيڪ نه هوندو. جج جي مداخلت جي ڪوشش ڪئي ته ٽرمپ هن کي به چند ٻڌيندي چيو ته تنهنجي به پنهنجي ايجنڊا آهي. تون هڪ منٽ کان وڌيڪ نٿو ٻڌي سگهين جنهن جج ٽرمپ جي وڪيل کي تنبيهه ڪندي جج چيو ته پنهنجي موڪل کي قابوءِ ۾ رکو. آمريڪي ميڊيا موجب خميس ڏينهن ڊونلڊ ٽرمپ جي سول فراڊ جي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندڙ جج آرٿر ينگورون کي گهر تي بم حملي جي ڌمڪي ڏني جنهن تي نيويارڪ جي ناسائون ڪائونٽي پوليس ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي. پيشيءَ کان پوءِ پريس ڪانفرنس ۾ ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته هو بي ڏوهي آهي، ڪنهن کي به دوکو نه ڏنو اٿس. واضح رهي ته ٽرمپ کي دوکو ڏيڻ جي ڪيس ۾ 370 ملين ڊالر ڏنڊ ٿيو آهي جنهن ته 31 جنوري تائين حتمي فيصلو اچڻ جو امڪان آهي.

بقايا ⁂ 07

کي ڪو به نوٽيس نه مليو آهي. ٻڌڻي سومر تي رکي وڃي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل مخدوم علي خان چيو ته سياسي اميدوارن کي چونڊ نشان الاٽ ٿيڻا آهن. چيف جسٽس چيو ته سومر تائين ٻڌڻي ملتوي ڪرڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ جو حڪم معطل ڪرڻو پوندو. اسان ته ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن به ٻڌڻي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. حامد خان چيو ته ان صورت ۾ تياري لاءِ اسان کي سياڻي تائين جو وقت ڏيو. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ رمارڪس ۾ چيو ته پي ٽي آءِ جي پارٽي چونڊن ۾ سيني جو بنا مقابلي چونڊجڻ عجيب ڳالهه آهي. سياست ۾ ته مقابلا ٿيندا آهن. ماڻهو ٽڪيٽ لاءِ جهيڙا ڪندا آهن. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل مخدوم علي خان چيو ته ڪنهن به عهدي تي ڪو به مقابلو نه ٿيو. چيف جسٽس پي ٽي آءِ جي چيف اليڪشن ڪمشنر نيازالله نيازي کي مخاطب ٿي چيو ته سيني جو بنا مقابلي چونڊجڻ عجيب اتفاق نه آهي؟ نيازالله نيازي چيو ته سمورا عهديدار بنا مقابلي چونڊيا ويا آهن. چيف جسٽس چيو ته هنن جي اليڪشن ۾ چئني صوبن جي اليڪشن ڪميشنرز جو ذڪر آهي، پر چونڊن جي نتيجن تي رڳو چيف اليڪشن ڪمشنر جون صحيحون ٿيل آهن. عدالت ٻڌڻي منجهند ڏيڍ وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا ⁂ 08

بعد صحت کاتي جي ٽيم اسسٽنٽ ڪمشنر بابر نظاماڻي ۽ مختيارڪار پوليس اهلڪارن سان جاتايل ڳوٺ پهچي ڳوٺاڻن سان ڳالهيون ڪري بائيڪاٽ ختم ڪرڻ ۽ ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ لاءِ زور ڀريو پر ڳوٺاڻن عملدارن کي ڪو جواب ڏئي ڇڏيو. ڳوٺاڻن علي اصغر چانڊيو، علي مراد چانڊيو، لعل بخش چانڊيو ۽ ٻين الزام هڻندي چيو ته اي سي پوليس جي مدد سان 4 ڄڻن رياض حسين چانڊيو، صدام حسين چانڊيو، نظير حسين ۽ محمد عمر کي گرفتار ڪرائي ٿاڻي تي منتقل ڪرايو آهي. هنن چيو ته گذريل پنجن سالن دوران چونڊيل نمائندن ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪيو آهي، جنهن سبب پوليو جو بائيڪاٽ ڪيو

بقايا ⁂ 09

ڪميشن بدنيتي سان چونڊ نشان باز کسيو آهي. چيف جسٽس چيو ته آئيني ادارن تي بدنيتي جو الزام لڳائي تباهه ڪرڻ ڇڏي ڏيو. عدالت پرويز مشرف جي جماعت آل پاڪستان مسلم ليگ جي درخواست خارج ڪري ڇڏي

بقايا ⁂ 10

موجب، نون ليگ قومي اسيمبلي جي ٽڪ اين اي 96 لاءِ پي ٽي آءِ جي باغي ميمبر نواب شيرو سير کي ٽڪيٽ جاري ڪئي آهي. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ اين اي 96 تان نون ليگ اڳواڻ طلال چوڌري نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا جيڪي منظور ٻڻ ٿي ويا هئا. نون ليگ دانيال عزيز کي به ٽڪيٽ ناهي ڏني جنهن ڪانپوءِ هن آزاد اميدوار طور چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا ⁂ 11

کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ايس ايس پي آپريشنز سي ٽي ڊي نجم الحسنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته متني ۾ آپگهاتي حملو ڪندڙ جي موجودگي جي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. ايس ايس پي سي ٽي ڊي موجب، گرفتار آپگهاتي بمبار جي سڃاڻپ عادل خان جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته دهشتگرد جي نشاندگي تي سندس ٻئي ساٿي ظاهر کي اچيني مان گرفتار ڪيو ويو نجم الحسن اهو به ٻڌايو ته دهشتگردن کي مولانا فضل الرحمان ۽ ايمل ولي خان تي آپگهاتي حملو ڪرڻو هو. دهشتگردن جو واسطو داعش خراسان سان آهي.

بقايا ⁂ 12

آهي. انٽربئنڪ ۾ اڄ ڊالر 75 پئسا سستو ٿيو جنهن ڪانپوءِ ڪاروبار جي پڇاڙي تي ڊالر جو اگهه 280 رپيا 36 پئسا آهي. ٻئي پاسي گذريل ڏينهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت 24 پئسا گهٽجڻ ڪانپوءِ 281 رپيا 94 پئسا هئي.

بقايا ⁂ 13

ڪميشن سياسي پارٽين جي انٽرا پارٽي چونڊ نه ڪرائڻ واري معاملي تي ٻن سياسي پارٽين جي انٽرا پارٽي اليڪشن قبول ۽ 13 جي رد ڪري ڇڏي. اليڪشن ڪميشن پنهنجي فيصلي ۾ 13 پارٽين کي ڊي لسٽ ڪندي چيو ته سياسي پارٽين جو رويو غيرسنجيدا هيو. اليڪشن ڪميشن جمعيت علماءِ پاڪستان جي انٽرا پارٽي تفصيل قبول ڪري ورتا ۽ جي يو آءِ کي چونڊ نشان جاري ڪري ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن پاران پاڪستان مسلم ليگ جناح کي به چونڊ نشان جاري ڪيو ويو. جڏهن ته آل پاڪستان مائنارٽي الائنس، آل پاڪستان تحريڪ، عوامي پارٽي پاڪستان، بهاولپور نيشنل عوامي پارٽي کي ڊي لسٽ ڪيو ويو. انٽرا پارٽي اليڪشن نه ڪرائڻ تي اليڪشن ڪميشن سڀ کا پاڪستان، پاڪستان امن ڪائونسل پارٽي، پاڪستان نيشنل مسلم ليگ کي به ڊي لسٽ ڪري ڇڏيو ان ڪانسواءِ اليڪشن ڪميشن، پاڪستان امن پارٽي، پاڪستان برابري پارٽي، مسيحي عوامي پارٽي، پاڪستان قومي يڪجهتي پارٽي، سني تحريڪ ۽ نظام مصطفيٰ پارٽي کي به ڊي لسٽ ڪري ڇڏيو

بقايا ⁂ 14

ايسوسيئيشن موجب، ڦي ٽولو سون 200 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 2 لک 16 هزار 500 رپين جو ٿي ويو آهي. اهڙي ريت ڏهه گرام سون جي قيمت 172 واڌ سان هڪ لک پنجاسي هزار 614 رپيا آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ ڦي اونس سون چار ڊالر واڌ ڪانپوءِ ٻه هزار 36 ڊالرز جو ٿي ويو آهي.

بقايا ⁂ 15

گهليندا رهيا. خبر موجب مختيارڪار جي پرچي تي به ٻوريون ٻج وٺڻ لاءِ ڀهتل هاري مير محمد سومرو کي واپارين وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو. واپاري هاري مير محمد سومرو کي تشدد ڪري شهر ۾ گهليندا رهيا. واپارين هڪ دفعو ڇڏڻ ڪانپوءِ هاري کي ٻيهر دوڪان ۾ يرغمال بڻائي تشدد ڪيو. بعد ۾ واپارين پوليس گهرائي هاري کي ڦورو قرار ڏنو. ڪيس پوليس حوالي ڪرڻ دوران شهرين جي مزاحمت تي پوليس واپس رواني ٿي وئي. شهرين جي مزاحمت ۽ احتجاج بعد واپاري هاري کان معافيون وٺندا رهيا. متاثر هاري مير محمد سومرو ٻڌايو ته مختيار ڪار کان ٻج جي ٻن ٻورين جي پرچي وٺي ٻج ڊيلر اشفاق شيخ وٽ پهتس ته اتي ويٺل ڊيلرن بشير شيخ، خليل شيخ، جليل شيخ ۽ ٻين تشدد جو نشانو بڻائي دڪان اندر يرغمال بڻايو. متاثر هاري ٻڌايو ته ٻج جي ٻن ٻورين جي پرچي مون کي سڄي شهر ۾ گهلي تشدد ڪري رتورت ڪيو ويو. هوڏانهن شهرين ۽ سول سوسائٽي هاري تي تشدد جي مذمت ڪندي ملوث واپارين خلاف ڪارروائي جي گهر ڪئي.

بقايا ⁂ 16

وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو پ پ جيڪب آباد ۾ صوبائي اسيمبلي جي ٽڪ پي ايس 3 ڳڙهي خيرو تي ممتاز جکراڻي بدران مير اورنگزيب پنهور کي ٽڪيٽ جاري ڪئي آهي. پارٽي طرفان ٽڪيٽ نه ملڻ تي ممتاز جکراڻي پارٽي جي اهڙي فيصلي تي ڪاوڙيل آهي. ممتاز جکراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 40 سال پ پ ۾ رهيس. اهميت نه ڏني وئي. جنهن همراهه کي ٽڪ ۾ ٽڪيٽ ڏني وئي اهو يونين ڪائونسل جي سيٽ به نٿو کٽي سگهي. آزاد اميدوار طور چونڊ وڙهندس. ياد رهي ته ممتاز جکراڻي 2013 ۽ 2018 ۾ پ پ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبلي جو ميمبر بڻيو هو

بقايا ⁂ 17

درسي ڪتابن جون هارڊ ۽ سافٽ ڪاپيون فراهم ڪيون وڃن. اسان هڪ ڊجيٽل دور ۾ رهون ٿا جتي ٻار ڊجيٽل مواد واري هارڊ ڪاپي کي اوليت ڏين ٿا ۽ انهن کي ڪٿي به ڪٿي وڃي سگهن ٿا. اهڙيون ڳالهيون هن گذريل ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن ميرپورخاص جي ويب سائيٽ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيون. ان موقعي تي سيڪريٽري يونيورسٽي اينڊ بورڊز نوراحمد سمون، ميرپورخاص بورڊ جي چيئرمين ذوالفقار علي شاهه، سيڪريٽري بورڊ انيس الدين، ڪنٽرولر امتحان انور عليم ۽ ٻين شرڪت ڪئي. وڏي وزير هڪ سادي تقريب ۾ بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن ميرپورخاص جي ويب سائيٽ ڪمپيوٽر جو بٽڻ دٻائي افتتاح ڪيو. ان موقعي تي تعليمي بورڊ ميرپورخاص جي چيئرمين ذوالفقار شاهه وڏي وزير کي ويب سائيٽ جي اهم ڪاميابين بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي آگاهه ڪيو ته اها ويب سائيٽ آن لائين داخلا جي سهولت/ انرولمينٽ ڪارڊ، امتحاني فارم ۽ رول نمبر واري سلپ مهيا ڪندي. هي ويب سائيٽ آن لائين انرولمنٽ سهولت، شاگردن لاءِ بروقت سهولت، آن لائن تصديق جي سهولت، سمورن نقلن جي آن لائن جاچ پڙتال، امتحان وٺندڙن ۽ سپروائزر عملدارن جي آن لائن رجسٽريشن، شاگردن ۽ استادن لاءِ معلوماتي وڊيوز جي موجودگي، سمورن امتحان جي نتيجن کي آن لائن ڪرڻ سان گڏ بهتر فارمن کي پڻ ويب سائيٽ تي رکيو ويندو. چيئرمين ميرپورخاص بورڊ چيو ته سندس بورڊ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو خاص طور تي ٿرپارڪر ضلعي جي ڏورانهن علائقن جي شاگردن جي سهولت لاءِ اي اڪيڊمي سسٽم پڻ مهيا ڪري رهيو آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته اهم نصابي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ بورڊ پنهنجي ويب سائيٽ ۽ سرڪاري سوشل ميڊيا تي ايس ايس سي ۽ ايڇ ايس سي جي دستيابي لاءِ ماڊل پيپر تيار ڪيا آهن ته جيئن ٿرپارڪر ضلعي جي ڏورانهن علائقن جي شاگردن کي مرحليوار سهولت مهيا ڪئي وڃي. بورڊ آفيس ۾ هڪ انفارميشن ڊيسڪ پڻ قائم ڪئي وئي آهي جيڪا شاگردن ۽ سيني اسٽيڪ هولڊرن کي تازي ڄاڻ ڏيڻ کي يقيني بڻائيندي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته بورڊ شاگردن جي شڪايتن جي فوري حل لاءِ هڪ فيسليٽيشن سينٽر (ون ونڊو آپريشن) ۽ هڪ شڪايتي پورٽل قائم ڪيو آهي. ان حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته شاگردن کان غير ضروري دستاويزن جو مطالبو ختم ڪيو ويو آهي. وڏي وزير سمورن تعليمي بورڊن کي هدايت ڪئي ته آن لائين طريقي ڪار ڏانهن لاڙو رکيو وڃي جنهن ۾ مينوئل هينڊلنگ، خفي واري ڪم ۽ غلطين جو امڪان گهٽ هوندو آهي. سنڌ جي نگران وڏي وزير اسڪول ايجوڪيشن کاتي کي هدايت ڪئي ته شاگردن کي درسي ڪتابن جون هارڊ ۽ سافٽ ڪاپيون مهيا ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي تيار ڪئي وڃي

بقايا ⁂ 18

مغيري، 230 تي مسرور سيال، 131 تي خالد محمود، ڪورنگي اين اي 232 تي حليم عادل شيخ ۽ 233 تي ايڊووڪيٽ حارث اميدوار هوندا. اين اي 234 تي فهيم خان، اين اي 235 تي سيف الرحمان، اين اي 236 تي عالمگير خان، اين اي 237 تي ايڊووڪيٽ ظهور محسود ۽ 238 تي حليم عادل شيخ اليڪشن ۾ حصو وٺندا. ان کان علاوه اين اي 239 تي ياسر بلوچ، 240 تي رمضان گانچي، اين اي 241 تي خرم شير زمان، 242 تي دوا خان ۽ 243 ايڊووڪيٽ شجاد علي اميدوار هوندا. اين اي 244 آفتاب جهانگير، 245 تي عطاالله خان، 246 تي ملڪ عارف اعوان، اين اي 247 تي بئرسٽر فياض، 248 تي ارسلان خالد، 249 تي بئرسٽر عزيز ڪوري ۽ 250 تي رياض حيدر پي ٽي آءِ اميدوار هوندا.

بقايا ⁂ 19

ادارو هن ڪم ۾ مداخلت نٿو ڪري سگهي. چيف جسٽس پاڪستان جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي ٽن رڪني بينچ پي ٽي آءِ جي بيٽ جي نشان بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي جي شروعات ۾ چيف جسٽس پڇاڻو ڪيو ته ڇا پشاور هاءِ ڪورٽ جو تفصيلي فيصلو اچي ويو آهي. حامد خان ٻڌايو ته فيصلو اجان ناهي آيو. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل مخدوم علي خان بيٽ جو نشان واپس ڪرڻ جو پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ پڙهي ٻڌايو وڪيل حامد خان چيو ته مون کي تياري لاءِ سومر تائين وقت ڏيو جنهن تي چيف جسٽس چيو ته جيڪڏهن ٽن ڏينهن تائين ڪيس ملتوي ڪرڻو آهي ته پوءِ پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو معطل ڪرڻو پوندو. اسان ته ڇنڇر ۽ آچر تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. ڇنڇر آچر جون موڪليون قربان ڪري چونڊن جا ڪيس ٻڌي سگهون ٿا. صرف اسان اهو چاهيون ٿا ته چونڊون وقت تي ۽ قانون مطابق ٿين. خبر پئي آهي ته هاڻي اليڪشن ۾ وقت گهٽ آهي. ڪيس جو فائل مون به ناهي پڙهيو. حامد توهان ڪيس جي لاءِ ڪڏهن تيار ٿيندؤ؟ اليڪشن ڪميشن جي وڪيل مخدوم علي خان چيو ته اليڪشن وارن کي چونڊ نشان الاٽ ٿيڻا آهن. اهڙي صورت ۾ تياري لاءِ اڄ تائين وقت ڏيو ٻڌڻي دوران چيف جسٽس پڇاڻو ڪيو ته پي ٽي آءِ سان امتيازي ورتاءُ ته ناهي ڪيو ويو هر پارٽي کي اختيار آهي ته پنهنجي جماعت کي ووٽ ڏئي. اهڙي طرح هر ميمبر کي اختيار ٿيڻ گهرجي پنهنجي پسنديدا اميدوار کي پارٽي ۾ ووٽ ڏئي. هڪ اهم ڳالهه اها آهي ته انٽرا پارٽي اليڪشن وارو معاملو ان وقت اٿاريو ويو جڏهن پي ٽي آءِ حڪومت ۾ هئي. سياسي پارٽين اندر به جمهوريت هئڻ گهرجي آمريت نه هئڻ گهرجي. ڪٿي اڻ برابري تي ناهي ٿي رهي. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته اسان 13 پارٽين کي ڊي لسٽ ڪيو آهي. چيف جسٽس رمارڪس ڏنا ته ٿي سگهي ٿو ته اهي پارٽيون به سياڻي سامهون اچن. جڏهن چيئرمين بنا مقابلي چونڊجي ويو ته ووٽن جو معاملو ڪٿان آيو. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته اسد عمر اڄ به پارٽي جو سيڪريٽري آهي. چيف جسٽس رمارڪس ڏيندي چيو ته اصل سوال به ڊسمبر واري پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي اليڪشن جو آهي. ڪجهه شيون ته ٽيڪنيڪي آهن اصل شيءِ جمهوريت آهي. جمهوريت ملڪ ۾ به هئڻ گهرجي. جمهوريت سياسي پارٽين ۾ به هئڻ گهرجي. ٻهرين ڊڪليريشن ڏيکاريو ڪٿي چيو ويو آهي ته انٽرا پارٽي اليڪشن درست آهي. چونڊ نشان جو ذڪر آئين ۾ ناهي پر اليڪشن ايڪٽ ۾ آهي. ڊرٽي ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن چيو هو ته ڪا شي ڪاسميٽڪ آهي. پر هن اليڪشن ڪميشن پنهنجي موقف تان ڦري وئي. چيف جسٽس رمارڪس ڏيندي چيو ته اسان چونڊون ڪرائڻ چاهيون ٿا. سياڻي تحريڪ انصاف جي وڪيل کي ٻڌنداسين. سپريم ڪورٽ اليڪشن ڪميشن جي اپيل تي ٻڌڻي سياڻي 10 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ⁂ 20

طرفن لاڳاپن سميت مختلف معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. ملاقات ۾ دفاع وارو وزير ملا يعقوب ۽ پرڏيهي وزير ملا امير متقي به موجود هو جي يو آءِ مطابق نائب وزيراعظم ملا عبدالغني برادر مولانا فضل الرحمان جو استقبال ڪيو ۽ مولانا الرحمان جي دوري کي ٻنهي ملڪن لاءِ سنوسوڻ قرار ڏنو وزيراعظم دفاع ملا يعقوب به مولانا فضل الرحمان جي دوري کي وقت جي مناسبت سان قرار ڏنو جي يو آءِ سربراهه چيو ته اسلامي ملڪن جي پنهنجي هڪ تاريخ آهي. اسان جي دوري جو مقصد ٻنهي ملڪن وچ ۾ مسئلا حل ڪرائڻ آهن. پاڪستان جي خواهش آهي ته افغانستان سان واپار قانوني طور تي ٿئي. ملا عبدالغني برادر چيو ته افغانستان پرامن ملڪ آهي. مولانا فضل الرحمان کي چيو آهي ته توهان جي دوري جا سٺا اثر ثابت ٿيندا.

بقايا ⁂ 21

ڪٽي جنهن سبب عورت سان موجود ٻار ٻچي ويو. پوليس موجب عورت سان اڻوڻندڙ حرڪت ڪندڙ جوابدار فرار ٿي ويو پر جوابدار جي ڳولا جاري آهي. ٻي پاسي ڪراچي جي علائقي عابد ٽائون ۾ فائرنگ سبب نوجوان مارجي ويو پوليس ٻڌايو ته مڪينڪ ذوهيب ڪار ڏيڻ جوابدار جي آفيس ۾ آيل هو ڪار ڊليوري دوران علي کان اتفاقي گولي ڇٽي وئي. ان کان پوءِ پوليس جوابدار علي کي گرفتار ڪري ورتو

بقايا ⁂ 22

پريميئر ليگ منعقد ڪرڻ تي منتظمين کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته اهڙيون تقريبون ٽيلنٽ کي اڀاگر ڪرڻ ۾ اهم ثابت ٿين ٿيون ۽ هاڻي SPLجا ميوا اچڻ شروع ٿي ويا آهن. گورنر سنڌ چيو ته هر شعبي ۾ جيڪو ڪجهه ڪري سگهان ٿو اهو ڪندس. ان حوالي سان ڊپارٽمينٽل ڪرڪيٽ جي بحالي لاءِ وزيراعظم سان ڳالهائيندس. هن چيو ته ميڊيا جي سهڪار ڪانسواءِ ڪو به ايونٽ ڪامياب نٿو ٿي سگهي. هن وڌيڪ چيو ته ايس پي ايل سنڌ جي ٽيلنٽ کي اڳتي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته آءِ ٽي ڪورس ايندڙ 3 سالن تائين جاري رهندا. ڪراچي ڪانپوءِ سکر ۾ به آءِ ٽي ڪورس شروع ڪيا ويندا. ان موقعي تي ايس پي ايل جي سي اي او چوڌري شهزاد اختر، ايس پي ايل صدر عارف ملڪ، مشهور اڳواٽي ڪرڪيٽر ۽ ليگ جو وائيس چيئرمين جاويد مياندار، جهانزيب عالم، بلال سيڪو، معين خان، عبدالرزاق، عمر اڪمل، شهر جي معززين ۽ ميڊيا نمائندا به موجود هئا. تقريب ۾ ايس پي ايل سيزن ون جون ميچون 25 جنوري کان 5 فيبروري تائين کيڏيون وينديون.

بقايا ⁂ 23

جمع ڏينهن ڪابل ۾ افغان سرڪاري ٽي وي جي انٽرويو ۾ چيو ته ان افغان طالبان جي امير سان ملاقات ڪئي آهي. ان کان اڳ ۾ طالبان ۽ جي يو آءِ ملاقات جي تصديق نه ڪئي هئي. پر ميڊيا تي ملاقات جي حوالي سان خبرون جاري ٿيون هيون. مولانا فضل الرحمان جي قيادت ۾ 11 رڪني وفد 6 ڏينهن جي دوري کان پوءِ جمع جي شام تي افغانستان کان اسلام آباد پهچي ويو جي يو آءِ پاران مولانا فضل الرحمان جي دوري کي ڪامياب قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا ⁂ 24

سمورن سياحتي هنڌن تي تربيت يافته ٽورسٽ گائيڊ مقرر ڪيا ويندا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ تاريخي ۽ سياحتي ماڳ آهن. ان ڪري هتي ايندڙ سياحن جي تجربي کي يادگار بڻائڻ لاءِ پروفيشنل ٽوئر گائيڊ هجڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته تربيت يافته ٽوئر گائيڊ ئي انهن تاريخي ماڳن بابت بهتر انداز ۾ ٻڌائي سگهي ٿو ۽ اهو عالمي سياحن جي تجربي کي يادگار بڻائيندو. ان سلسلي ۾ سيڪريٽري سياحت ۽ ثقافت خالد چاچڙ سياحتي گائيڊ جي مقرري لاءِ ناڻي کاتي کي خط لکي ڇڏيو آهي. خط ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن جو حوالو ڏيندي سيڪريٽري سياحت ۽ ثقافت خالد چاچڙ چيو آهي ته ٽوئرسٽ گائيڊز جي خدمتن لاءِ فنڊ جاري ڪيا وڃن.

بقايا ⁂ 25

جو فيصلو ڪيو آهي. هڪ پاسي غريب وٽ مهانگي فون رکڻ جي سگهه ناهي ته ٻئي پاسي حڪومت جو اهڙو فيصلو ماڻهن کي حيران ڪري رهيو آهي.

بقايا ⁂ 26

پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته سيٽ ايڊجسٽمينٽ نه ڪرڻ جو فيصلو چوڌري شجاعت حسين جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ ڪيو ويو پڌرائي موجب، ن ليگ اسان جي گهربل ٽڪن ۾ پنهنجا اميدوار بيهاري ڇڏيا آهن. پارٽي قيادت فيصلو ڪيو آهي ته اسان ٻٽي معيار جو شڪار نه ٿينداسين. چوڌري سالڪ حسين چيو ته ن ليگ هن ۽ سندس ڀاءُ خلاف گجرات ۾ پنهنجا اميدوار بيهاري ڇڏيا. ق ليگ جي صوبائي سيڪريٽري جنرل چوڌري شافع حسين به فيصلي سان اتفاق ڪيو پڌرائي موجب. چوڌري سالڪ حسين جو چوڻ آهي ته نون ليگ اسان مقابلو ڪندي ته اسان پنهنجي ساٿين سان گڏ ويهڻ کي ترجيح ڏينداسين. چوڌري سالڪ ٻڌايو ته نون ليگ سان قومي اسيمبلي جي 4 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 8 سيٽن تي ڳالهه ٻول ٿي هئي. اسان لاءِ 2 قومي 2 صوبائي ٽڪ ڇڏيا ويا. ائين نه ٿو ٿي سگهي ته رڳو مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ شافع حسين کي سيٽ ڏني وڃي ۽ ٻين کي نه.

بقايا ⁂ 27

جو ڏينهن آهي ان سلسلي ۾ پشتونخوا ملي عوامي پارٽي جي سربراهه محمود خان اڇڪزئي قومي اسيمبلي جي ٽڪ لاءِ پنهنجا ڪاغذ واپس وٺي ڇڏيا آهن پي ڪي ميپ طرفان جاري ڪيل پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته محمود خان اڇڪزئي اين اي 265 تان نامزدگي ڪاغذ واپس وٺي ڇڏيا آهن. محمود خان مولانا فضل الرحمان جي حق ۾ پنهنجا نامزدگي ڪاغذ واپس وٺي ڇڏيا آهن.

بقايا ⁂ 28

جي ضلعي ڪياماڙي مان قومي اسيمبلي جي سيٽ تان هٽ ڪٿي ورتو آهي. شهباز شريف جا نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ آيو آهيان. واضح رهي ته ن ليگ ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان وچ ۾ ڪراچي تان قومي اسيمبلي جي سيٽ اين اي 242 تي ڪيئي ڏينهن کان ڊيڊ لاڪ هو ۽ ٻنهي پارٽين جا اڳواڻ سيٽ ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئا ان معاملي تي ٻنهي پارٽين جي وفدن هڪٻئي سان ڪيترئي ملاقاتون پڻ ڪيون هيون.

بقايا ⁂ 29

منصور علي شاهه سپريم جڊيشل ڪائونسل جو به حصو بڻجي ويو آهي. جڊيشل ڪميشن آف پاڪستان جي جوڙجڪ به جسٽس اعجاز الاحسن جي استعيفيٰ سان تبديل ٿي وئي آهي. جڊيشل ڪميشن ۾ چيف جسٽس ۽ سپريم ڪورٽ جا چار سينيئر جج شامل هوندا آهن. جسٽس يحيٰي آفريدي هاڻ سپريم جڊيشل ڪائونسل جو ميمبر بڻجي ويو آهي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن جسٽس اعجاز الاحسن پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي هئي.

بقايا ⁂ 30

ڳالهائيندي هن چيو ته قوم ملڪ جي دشمنن کي سڃاڻي چڪي آهي. بلوچستان پاڪستان جو حصو آهي ۽ هميشه مضبوط حصو رهندو. جان اڇڪزئي چيو ته ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪري رهيو آهي. ڀارت کي ناڪامي ۽ خواري ڪانسواءِ ڪجهه نه ملندو. هن چيو ته دشمن جي ناپاڪ ارادن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو، پاڪ فوج جا جوان اسان جي سرحدن جي حفاظت ڪري رهيا آهن. رياست کي بدنام ڪرڻ وارن سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي. نگران سڌ سماءَ واري وزير جان اڇڪزئي موجب سڄو ملڪ بلوچستان جي عوام سان پيار ڪري ٿو. رياست قومي ڌارا ۾ شامل ٿيندڙن کي ڳلي لڳايو. ڀٽڪيل ماڻهن سان ڳالهين لاءِ تيار آهيون.

بقايا ⁂ 31

فيسٽيول جو افتتاح ڪرڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مختلف رنگن جا هڪ لک کان وڌيڪ گل ڏسي خوشي ٿي. شهر کي سرسبز شاداب بڻائڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته اسان جو شهر ڏاڍو خوبصورت آهي. جنهن جي هاڪاري رخ کي سامهون آڻڻ جي ضرورت آهي. سفاري پارڪ ۾ نوان جانور متعارف ڪرائي رهيا آهيون. مرتضيٰ وهاب چيو ته ڳالهيون ڪرڻ وارن کي جيڪو ڪرڻو آهي ڪندا رهن اسان پنهنجو ڪم جاري رکنداسين. جماعت اسلامي رڳو ڳالهيون ڪرڻ ۾ ڪٿي سگهي ٿي. مان اڄ چوان ٿو فريئر هال جي عمارت به جماعت اسلامي وارن ناهي هٿي. هن پي ٽي آءِ تي تنقيد ڪندي چيو ته بيٽ ڪنهن به قسم جي ڀڃ ڊاهه لاءِ نه هئڻ گهرجي. ليول پليئنگ فيلڊ هر سياسي پارٽي کي ملڻ کپي. سندس چوڻ هو ته سنڌ حڪومت سان گڏجي شهر جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون. شهر ۾ نيون بسون به پبلڪ ٽرانسپورٽ مسئلا حل ڪرڻ لاءِ اچي وڃن آهن. هن وڌيڪ چيو ته اسان جي اچڻ کان پهرين ڪي ايم سي جي انڪم 58 ڪروڙ هئي جيڪا هاڻ هڪ ارب کان وڌي چڪي آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ ڪي ايم سي 24 ڪروڙ جي ريڪوري ڪئي.

بقايا ⁂ 32

مطابق آءِ ايف ايف پاڪستان جي معاشي صورتحال بابت انگ اکر جاري ڪندي چيو آهي ته گذريل سال جي مقابلي ۾ معاشي شرح ۾ اضافي جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته گرانٽس ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو پر خرچ وڌڻ جو به امڪان آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته هلندڙ مالي سال پاڪستان ۾ مهانگائي جي شرح 18.5 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي. هلندڙ مالي سال پاڪستان ۾ بيروزگاري جي شرح 8 سيڪڙو رهڻ جي اميد ظاهر ڪئي وئي آهي. اها شرح گذريل سال دوران 8.10 سيڪڙو رهي هئي. آءِ ايم ايف مطابق گرانٽس وڌي جي ڊي پي جو 12.5 سيڪڙو رهي سگهي ٿي. جيڪا گذريل سال 11.5 سيڪڙو رهي هئي. آءِ ايم ايف ٻڌايو ته هلندڙ سال ۾ ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو جي ڊي پي جو 1.6 سيڪڙو رهي سگهي ٿو جيڪو گذريل مالي سال ۾ 0.7 سيڪڙو هو

بقايا ⁂ 33

هوندي جيڪڏهن هو وزيراعظم ٿيو ته ماضي کي ڏسندي اڄ جو نقصان ڪندو. هن چيو ته ن ليگ ۽ پي ٽي آءِ نفرت جي سياست کي انتها تي وٺي ويا آهن. پيپلز پارٽي سڄي ملڪ کي گڏ ڪئي هلڻ جي تاريخ رکي ٿي. اسان پاڪستان کي جديد رياست بڻائڻ چاهيون ٿا. اسان چاهيون ٿا ته پاڪستان ۽ اسلام جو اصل چهرو سامهون اچي. نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست جو مقابلو ڪنداسين. گڏجي عوام جي خدمت ڪرڻ چاهيون ٿا. هن ان موقعي تي مطالبو ڪيو ته ماڊل ٽائون سانحي جي صاف ۽ شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي. جتي حملو ٿيو اتي اڃا گولين جا نشان موجود آهن. سماج ۾ پيدا ٿيل نفرتن کي ختم ڪرڻ گهرجي. پ پ چيئرمين چيو ته پيپلز پارٽي واحد پارٽي آهي جيڪا رڳو عوام جي حمايت چاهي ٿي. باقي پارٽيون ٻئي طرف ڏسي رهيون آهن. اسان عوام ڏانهن ڏسي رهيا آهيون. مان عوامي معاشي معاهدي تي زور ڏئي رهيو آهيان. ان موقعي تي ڳالهيون ڪندي، عوامي تحريڪ جي اڳواڻ خرم نواز چيو ته پاڪستان مشڪل دور مان گذري رهيو آهي. بلاول ڀٽو به ماڊل ٽائون سانحي جي شهيدن جي يادگار تي گل رکيا. هن اڄ 127 جي ڳالهه نه ڪئي. هن مجموعي ڳالهه ڪئي.

بقايا سنڌيار 01

اليڪشن جون تياريون زور شور سان جاري آهي ڪيترا اميدوار هٽ ڪٽي ويا جڏهن ته اليڪشن مهم جي حوالي سان عوام وٽ ڪوئي اميدوار ناهي آيو پوليس صرف خانا پوري ۾ مصروف مڪلي لٽي ۾ چورين ۾ اضافو ٿيڻ سبب ۽ پوليس طرفان چوري ٿيل مال واپس نه ڪرائڻ سبب عوام ۾ شديد بيچيني پکڙيل آهي اسان ڊي آئي جي حيدرآباد کي اپيل ٿا ڪريون ته سياسي آشيرواد رکندڙ ڌوهارين جي پشت پناهي ڪندڙ پوليس آفيسرن کي فوري طور بدلي ڪري ايماندار آفيسرن کي مقرر ڪيو وڃي جيئن ضلع ۾ امن قائم ٿئي

بقايا سنڌيار 02

شاهه ۽ جام اڪرام الله ڌاريجو جي حق ۾ هٽ ڪٽي ويو پ پ اميدوارن جي مڪمل حمايت جو اعلان، خبر موجب سکر جي علائقي سنگرار ۾ پ پ اڳواڻ سيد سيد زاهد حسين شاهه جي رهائشگاهه تي سيد خورشيد احمد شاهه ، جام اڪرام الله ڌاريجو سيد فرخ شاهه ، سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اليڪشن جي شروعات 27 ڊسمبر کان ڳڙهي خدا بخش پٽو کان ڪئي آهي جيڪا جاري آهي سيد زاهد حسين شاهه ۽ سيد محسن عباس شاهه جي هر ممڪن مدد پ پ قيادت سان گڏ آهي، استعيفيٰ جو تاثر غلط آهي اهو سلسلو نه هجڻ گهرجي پ پ کان علاوه ڪا به جماعت عوام وٽ نظر نه ٿي اچي اسان ڊرائنگ روم جي سياست ناهيون ڪندا هن چيو ته اليڪشن سان ملڪ جي معيشت جڙيل آهي اسان وڏو نقصان ڪنيو آهي افغانستان به هاڻي پاڪستان کي ڇڏي پارٽ سان واپار ڪري رهيو آهي اليڪشن ٿيڻ گهرجي چيف جسٽس جي حڪمن تي عمل نه ٿيو ته ان سان عدالتي بحران پيدا ٿيندو اسان هميشه ادارن جي مضبوطي لاءِ ڪم ڪيو اسان پندرنهن سال چارٽر آف ڊيموڪريسي ڏانهن ڏنوسين هر ڳالهه آخري ناهي هوندي ڪلهه اسان جا جيڪي مخالف هئا انهن سان اتحاد ڪرڻو پيو جيڪو فقط جمهوريت خاطر هيو پ پ خلاف هميشه اتحاد ٺهندا آهن پر انهن سان اسان کي ڪو به فرق نٿو پوي محترمه کي دهشتگردي جو جٿي ملڪ ۾ اچڻ کان روڪيو پئي ويو پر پوءِ به اسان پوئتي ڪو نه هٽياسين

بقايا سنڌيار 03

پاڪستان جي پاران حافظ سعيد احمد ٽالپر کي چونڊيو ويو ۽ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي پاران پي ايس 61 تي جمعيت علماء اسلام جي اميدوار جي سپورٽ ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 04

تي تعزيتي ميڙ کي خطاب ڪندي اي جي پي جي مرڪزي صدر لال شاهه، حريف چانڊيو، سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻ عرفان منان، نجيب چانڊيو ساحل سڪندر، استاد اڳواڻ عبدالهادي چوليائي، سياف اڳواڻ وقار رضا، اياز ڪهاوڙ، صلاح چانڊيو مورپل ميرجت، وحيد چانڊيو فهد چانڊيو ۽ ٻين چيو ته لال گربخشاڻي هڪ بااصول، بي ڊپو ۽ تعليمي ماهر هئڻ سميت لطيف جو وڏو شارح هو جنهن نه فقط هڪ استاد جي حيثيت ۾ نئين نسل جي آبياري ڪئي، هن جنرل ايوب ۽ جنرل ضياء جي اگهاڙي آمريت ۾ جيل جون سختيون پڻ برداشت ڪيون. هن وڌيڪ چيو ته ڪنعيا لال گربخشاڻي شاهه لطيف جي فڪر جو تمام گهڻو گهرو مطالعو ڪري ان کي غير رواجي انداز ۾ سمجهايو هو اڻ وسرندڙ ڪردار آهي جنهن کي سدائين ياد رکيو ويندو ميڙاڪي واري تقريب ۾ شير چانڊيو تقريب ۾ برڪت سوڍر، اعجاز ٻگهيو غلام مصطفيٰ بروهي،خان محمد مارفاڻي، سعيد چانڊيو نثار اميراڻي، آصف آزاد، سمير چانڊيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 05

رپورٽ موجب اڳوڻو وڏو وزير مراد علي شاهه ۽ پ پ ضلعي جامشورو جو صدر سيد آصف علي شاهه يوسي آراضي ڳوٺ محمد هارون ٽالپر پهتا، جتي ٽالپر برادري جي اڳواڻ ميزبان ذوالفقار علي ٽالپر پاران دهلن ۽ شرنائين تي رقص ڪندي گلن جي ورکا ڪري مهمانن جو شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي اڳوڻي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ سيد آصف علي شاهه کي ذوالفقار علي ٽالپر پاران بوسڪين جا پٽڪا پڻ پارايا ويا جڏهن ته حسنين علي شاهه، سيد فرقان حيدر شاهه ۽ اڳوڻي ايم اين اي سردار سڪندر علي راهپوٽو ۽ محمد سليم باجاري ۽ ٻين اڳواڻن کي لونگين ۽ اجرڪ جا تحفا پارايا ويا. جڏهن اڳوڻي وڏي وزير مراد علي شاهه سيد آصف علي شاهه ۽ سردار سڪندر علي راهپوٽو گڏجاڻي کي پڻ خطاب ڪندي چيو ته ٽالپر برادري هميشه جيئان پاڻ ملهايو آهي، دفعا به 8 فيبروري اليڪشن واري ڏينهن تي تير تي ٺپو هڻي پاڪستان پيپلز پارٽي کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪندا جيئن ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿئي جيئن وڌيڪ عوام خدمت ڪرڻ جو موقعو ملي.

بقايا سنڌيار 06

محمد يونس راڄپر ايم ظفر ڪڱر منصور ميمڻ، مولابخش مشوري، ماجد ڪڱر، اسد عمراڻي ۽ ٻين چيو ته ايس ايڇ او خالق شاهه شهر ۽ آس پاس ۾ چورين ۽ ڦرون ڪرائي رهيو آهي. خبرون هلائڻ تي پوليس صحافين کان انتقام پئي وٺي ڪجهه ڏينهن اڳ صحافي ماجد ڪڱر تي اڪائونٽس آفيسر ميونسپل ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي جنهن ۾ هن ضمانت ورتي، صحافي ضمير لنڊ کي گرفتار ڪيو ويو ڪيبل نيٽ ورڪ جي سي اي او منصور ميمڻ جي پٽ کان موٽر سائيڪل، موبائلون ۽ 35 هزار ڦريا ويا جڏهن ته شهر نوشهرو فيروز ۾ ڪافي دڪانن جا تالا ٽوڙي چوريون ڪيون ويون آهن ۽ ايس ايس پي سهائي عزيز ناڪام ترين ثابت ٿي آهي جيڪا هڪ چورن جي ساٿاري ايس ايڇ او عبدالخالق شاهه کي به هٽائي نٿي سگهي تنهنڪري اسان مجبور ٿي ڪري 25 جنوري تي ڪراچي ۾ وزيراعليٰ هاؤس ۽ آءِ جي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻنداسين

بقايا سنڌيار 07

پ جاچونڊيل نمائندا غائب، رهواسي پريشان، پ پ جو چونڊيل نمائندو ٽائون چيئرمين لالا رحيم پٺاڻ خلاف مسلسل تحريڪ هلائڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو خبر موجب سهراب ڳوٺ ٽاؤن جي ڳوٺ وزير بروهي تباهي جي ور چڙهي ويو روڊ رستا نالين ٽٽي تباهه ٿي ويون اسڪولي ٻارڙن سان گڏ ملازم ٽوڙي عورتون سخت پريشان روڊ رستا ٽٽل هجڻ ڪري ڳاڏين جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو سيورج سسٽم تباهه ٿيڻ ڪري اڪثر روڊ رستا ٽوڙي گهرن ۾ گندو پاڻي ڪاهي پيو جڏهن ته ڳوٺ سجو دريا جو ڏيک ڏيڻ لڳو پ پ جي چونڊيل نمائندن علائقي جي سار سنڀار نه لڌي. ڳوٺاڻن پاران سهراب ڳوٺ ٽاون تان پ پ جو چونڊيل چيئرمين لالارحيم پٺاڻ خلاف مسلسل تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻن ميڊيا آڏو ڏاڍهندي چيو ته اسانجو قديمي ڳوٺ آهي اسين اتان جي چونڊيل نمائندن کي ووٽ ڏيڻ باوجود به اسان جي علائقي سان اهڙو حشر ڪيو ويو آهي انهن وڌيڪ چيو ته اسين مسلسل لالارحيم پٺا خلاف تحريڪ هلائنداسون.

بقايا سنڌيار 08

ته صوبائي اسيمبلي شڪارپور جي تڪ پي . ايس 7 تي اليڪشن ۾ اڳوڻو صوبائي وزير امتياز احمد شيخ اميدوار آهي ۽ سنڌس جي مخالفت ۾ ٻيا به اميدوار بيٺل آهن .پر اسان جي سموري برڙا برادري سميت وارڊ 27 ۾ رهندڙ ٻيون برادريون . بڪيجا . سهتا . راهڙي . سومرا . ميراڻي .رند . ڪانڌڙا . ڏيٿا . ڪلهوڙا . شيخ ٻيون جيترين به برادريون آهن آهي اسان سمورا هر دفعي ووٽ امتياز احمد شيخ کي گڏجي ڏيندا آهيون ۽ بڪيجا محلا پولنگ اسٽيشن هر دفعي کٽندا آهيون . وزير علي برڙو وڌيڪ چيو ته . اڳ ۾ به امتياز احمد شيخ 3 دفعا اليڪشن کٽي چڪو آهي ۽ هن دفعي به هو انشاءالله کٽي ويندو

بقايا سنڌيار 09

ٺڪرانو پريس ڪلب رجسٽرڊ جون نئين سال 2024 ع جون چونڊون ٿي گذريون جنهن ۾ سڀني ميمبرن صلاح مشوري سان نئين سال 2024 ع لاءِ هيٺان عهديدار جنهن ۾ صدر عبدالمجيد مهر سينيئر نائب صدر ڪريم بخش مهر نائب صدر غلام حسين راڄڙ جنرل سيڪريٽري اربيلو مهتم جوائنٽ سيڪريٽري مغل مهر ڊپٽي جوائنٽ سيڪريٽري الهڏنو مهر خزانچي علي گوهر مهر انفارميشن سيڪريٽري اصغر علي مهر آفيس سيڪريٽري برڪت علي مهتم چونڊيا ويا جڏهن ته ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي لاءِ ميمبر مير حسن منگي واجد سومرو ممتاز علي مهر علي نواز مهر محمد عثمان مهر ارباب راڄڙ عبدالستار مهر عبدالغفار مهر اياز علي مهر چونڊيا ويا چونڊ ڪانپوءِ ٺڪرانو پريس ڪلب رجسٽرڊ جي نون عهديدارن ۽ ميمبرن عهد ڪيو ته ورڪنگ جرنلسٽس پاڻ ۾ متحد آهن ۽ علائقي جي مسئلن کي ترجيح جي بنياد تي رکي عوام جو آواز پنهنجي چينلن ۽ اخبارن ذريعي اعلي ايوانن تائين پهچائيندا رهندا.

بقايا سنڌيار 10

چور چورائي ويا، شهرين پاران بدامني جي خلاف احتجاج، چوري ٿيل سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو تفصيل موجب خانپور شهر جي آرائين پاڙي مان نامعلوم چور مٺائي جي واپاري عبدالشڪور آرائين جي گودام تان نامعلوم چور 30 عدد 15 ڪلووزن وارا گيہ جا ٽين ۽ 15 کان وڌيڪ کنڊ جا ٻورا چوري ڪري ويا، متاثر واپارين خانپور ٿاڻي تي پهچي اين سي ڪرائي ۽ دڪاندار يونين جي اڳواڻ حافظ طارق بلوچ، نذير احمد آرائين، عبدالشڪور آرائين ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو ته بدامنيءَ جي باهه ٻريل آهي پوليس جي رٽ ڪٿي به نظر نه پئي اچي ڦر، چوري روز جو معمول بڻيل آهن هنن گودام مان چوري ٿيل لکين روپين جو سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 11

افتتاح ڪندي ڪائونسلرن بابر حفيظ راجپوت عبدالجبار راجپوت اهل الله ٻگهيو جي نگراني ۾ ٻهرين نيوسعيدآباد جي ٽپالي رستي ٻائي پاس تائين صفائي شروع ڪئي وئي جڏهن ته وارڊ نمبر 2 ۾ به صفائي جي شروعات ڪئي وئي نيوسعيدآباد شهر جي ڇهن ئي وارڊن ۾ صفائي جو پروگرام ترتيب ڏنو ويو آهي

بقايا سنڌيار 12

جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو جاري بيان موجب جوابدار روهڙي جي علائقي شاهه جو اوتارو گهٽي مان هرداس مل جي گهر مان 2 لک 50 هزار نقدي ۽ موٽرسائيڪل چوري ڪئي هئي، ايس ايڇ او روهڙي ڳجهي اطلاع تي پنهنجي ٽيم سميت روهڙي جي شيخ محلا ۾ ڪارروائي ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ڪارروائي دوران پوليس جوابدار وحيد شيخ کي گرفتار ڪري چوري ٿيل 2 لک 50 هزار روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي آهي. چوري ٿي ويل سامان ۽ رقم واپس ملڻ تي هرداس مل پوليس جو شڪريو ادا ڪيو آهي جڏهن ته ايس ايس پي صاحب لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 13

نوٽيس وٺڻ بعد ڊي ايس پي سجاول طرفان استاد تي جوابدارن سان راجوڻي ناهه ڪرڻ تي زور. متاثر استاد ۽ ٻين جو احتجاج. انصاف جو مطالبو تفصيل موجب ڏڙي پرسان گورنمينٽ مڊل اسڪول ڪوٽ عالمون جو استاد فريد ميمڻ ۽ سنڌس پاءُ وقار ميمڻ اسڪول تي ويٺل هئا ته بااثر جوابدارن حملو ڪري کين زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته واقعي جو ايس ايس پي سجاول شهلا قريشي نوٽيس ورتو ۽ سجاول پوليس کي جوابدارن خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏنو پر ڊي ايس پي سجاول متاثر استاد سان انصاف ڪرڻ بجاءِ کين جوابدارن سان راجوڻي ناهه ڪرڻ جو چئي واپس ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ تشدد جو نشانو بڻيل استاد فريد ميمڻ، وقار ميمڻ، سراج ميمڻ ۽ ٻين حملي خلاف احتجاج ڪندي چيو ته اسڪول تي ويٺل هئاسين ته جوابدار حسين ڪاپاٽي، سومار ڪاپاٽي، ميرو ڪاپاٽي ۽ ٻين لشڪر جي صورت ۾ حملو ڪري زخمي ڪيو ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائڻ ۽ ايس ايس پي شهلا قريشي جي نوٽيس وٺڻ باوجود سجاول جو ڊي ايس پي جوابدارن سان راجوڻي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيو آهي، هنن چيو ته جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن، ۽ انهن اسان جي زمين تي قبضو ڪري اسان کي مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪري انصاف مهيا ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 14

227 تي شباز نواب،دادو جي صوبائي تڪ 82 تي ذوالفقار ملاح، جوهي جي صوبائي تڪ 83 تي علي انور پنهور، ميهڙ جي صوبائي تڪ 81 عبدالمجيد ڪوسو کي اين شاهه جي صوبائي تڪ 80 اصغر شيخ کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪئي وئي آهي.جڏهن ته دادو، جوهي اين اي 228 تڪ پي ٽي آئي اميدوار ذوالفقار ملاح ۽ تعلقه دادو صدر ظهير چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پارٽي ٽڪيٽ آر او ۽ ڊي آر او وٽ جمع ڪرايون آهن. هاڻي ورڪ شروع ڪري رهيا آهيون دادو ضلعي جو عوام عمران خان سان گڏ بيٺل آهي، 15 سالن کان جن رڳو ڪرپشن ڪئي آهي اهي هاڻ عوام کي جا ڏيندا. تحريڪ انصاف پوري ملڪ اندر انصاف ۽ قانوني جي بالادستي لاءِ جدوجهد ڪري پئي ،دادو ضلعي جو عوام هن واري تحريڪ انصاف جي اميدوارن کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪندو ۽ ڪرپٽ حڪمرانن کي گهر پيڙو ڪندو، ان موقعي تي ضلعي صدر حيدر سيال، رياض چانڊيو ظاهر چانڊيو ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 15

۽ سياسي وفاداري جو شرط مستحقن کي ڌڪا تاپا، تفصيل موجب مانجهند تعلقي ۾ اليڪشن ويجهو اچڻ شرط ضلع انتظاميا من پسند ماڻهن کي راشن جا ڪتا ڏئڻ شروع ڪري ڇڏيا ڊي سي جامشورو آفيس مان ڪجهه ڳوهه ۾ هزارين راشن جا ڪتا مانجهند تعلقي جي ڳوٺن شالماڻي ڪلري ڪوريجا تنگهاڻي مريداڻي ڳوٺن ۾ سياسي بااثرن جي اوطاقن تي پهچايا ويا جتي من پسند ماڻهن کي ووٽ ڏئڻ جي خاطري بعد راشن فراهم ڪيو ويو جنهن سبب ٻي پهچ مسڪين ماڻهون نظر انداز ٿي ويا اهڙي عمل خلاف ايس يو پي سان تعلق رکندڙ ڳوٺاڻن الهداد گاڏينجو لڪاڏنو گاڏينجو احمير گاڏينجو جاويد زبير وڏيار ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي چيو ته اليڪشن اچڻ شرط راشن ورهاست ڌانڌلي جي شروعات آهي سرڪاري عملدار اڳوڻ ايم پي ايز ۽ ايم اين اي جي حڪم تي سنڌن ماڻهن کي راشن جا ڪتا ڏئي ڪين نظر انداز ڪري رهي آهي کين سياسي وفاداري تبديل ڪرڻ جو شرط ڏنو ويو انڪار تي نظرانداز ڪيو ويوس وارا انصاف ڪرائين

بقايا سنڌيار 16

پنهور مان چور انور پنهور جي گهر ۾ گهڙي فائرنگ ڪري پلوڙ ميهن ڪاهي ويا ۽ راحب پنهور کان موٽر سائيڪل ڦري ويا. ڳوٺاڻن جون ڏانهون ڪندي چيو ته پوليس اگهور ننڊ سٽل رات جو هٿيار بند هٿيار ڪلي کلي عام ڦرن ٿا. ايس ايس پي سهائي عزيز ٽالپر به امن وامان قائم ڪرائڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي آهي.

بقايا سنڌيار 17

نه ملي، ملازم پريشان. ان ڏس ۾ سکر سائيٽ آفيس جي ملازمن گلبهار، سراج احمد، اقبال، جاويد علي، تنوير ۽ ريٽائرڊ فوتي ملازم نور الدين شر جي بيوه مائي رضيه خاتون، پينشنر غلام محمد ديهو امداد ماڪو، ميهرالدين شيخ، حاڪم لکڻ، عثمان گهنجو، بشير احمد ٿهيم ۽ ٻين ڏانهيندي ٻڌايو ته سائيٽ سکر جي اڪائونٽنٽ انتظاميا سان ملي پڳت ڪري سال 2023 ع جي نومبر ۽ ڊسمبر مهيني جي پگهار ۽ پينشن نه ڏئي ناحق ڪيو ويو آهي، ٻن مهينن جي پگهار نه ملڻ ڪري روزاني زندگي جو وهنوار هلائڻ ۾ سخت مالي مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي، ريٽائرڊ ملازمن جي گهرن ۾ فاقاڪشي واري صورتحال آهي، سائيٽ اختيارين کي لکت ۾ شڪايتون ڪرڻ باوجود ڪو به تدارڪ ناهي ڪيو ويو جڏهن ته سکر سائيٽ جي بئنڪ اڪائونٽ ۾ هن وقت به 18 لک روپين کان وڌيڪ رقم جمع پيل آهي ۽ سکر سائيٽ جي سمورن ريٽائرڊ ٿي ويل ملازمن جي ماهوار پينشن جي رقم 14 لک 87 هزار 980 روپيا ٿئي ٿي، پر اڪائونٽنٽ ريٽائرڊ ملازمن کي پينشن ڏيڻ کان نابري واري ويٺل آهي، اسان پينشن جي حاصلات لاءِ اڪائونٽنٽ جي آفيس جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون، هنن سيڪريٽري سائيٽ، ايم ڊي سائيٽ، ڊائريڪٽر فنانس ڪراچي ۽ ٻين وس وارن کان حاضر سروس ملازمن ۽ پينشنرن سان ٿيندڙ ناجائزي جو نوٽيس وٺي ٻن مهينن جي رهيل پينشن ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 18

۽ وقار علي پٽو ايمپائير ٽائون چيئرمين تي اعتماد ڪندي پوليٽيڪل سيڪريٽري بلاول ڀٽو زرداري جي جميل احمد سومرو وٽ پهچي پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ باضابطه طور شموليت اختيار ڪري ڇڏي، هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مخالف هئڻ باوجود وقار علي پٽو منهنجي گهٽي ٺهرائي ڏني ۽ جيڪو ڪم چيو ان تي توجع ڏئي حل ڪرايائين مان سمجهان ٿو ته پيپلز پارٽي ڪانسواءِ ڪا اهڙي پارٽي ناهي جيڪا عوامي مسئلن کي حل ڪري الحمد الله لاڙڪاڻي ۾ ترقياتي ڪم هلن پيا ۽ آءٌ به پنهنجون صحافتي سماجي ورڪنگ سان گڏ عوامي مسئلن کي پارٽي جي تعاون سان حل ڪندس چوحو ڪنهن به تنظيم جو ورڪ صرف عوام لاءِ هوندي آهي ۽ اسين عوام جا خادم آهيون ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جا مختلف اڳواڻ پڻ موجود هيا جميل احمد سومرو جي هائوس تي موجود هيا جڏهن ته يوسي 3 چيئرمين غلام نبي پٽو راجا پٽو غلام قادر اهير مور پٽو دلبر شاهد کي پي پي ۾ شموليت ڪرڻ تي ڪوڙ ساريون مبارڪون ڏنيون

بقايا سنڌيار 19

خبرموجب سرحد ۾ بدامني هڪ ڀيرو ٻيهر وري ڪر کنيو آهي سرحد ٿاڻي جي حد اسٽيشن روڊ تان نامعلوم چور ڏينهن ڏٺي جو ڳوٺاڻي آصف مهر جي سي ڊي موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا ٿوري ئي دير ۾ سرحد بس اسٽاپ پرسان سڪندر مهر جي به موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي جڏهن ته بس اسٽاپ کان سرحد ٿاڻو ٿورن قدمن تي هجڻ باوجود ايس ايڇ او سرحد حاجي اربيلو سميجو ننڊ مان نه اٿي سگهيو ياد رهي ته ٻه ڏينهن ٻهريان سماجهي اڳواڻ عبدالحفيظ ڍهر جي موٽر سائيڪل به چوري ٿي وئي هئي جيڪا هن مهل تائين واپس نه ٿي سگهي ساڳئي ڏينهن گل محمد ملڪ جو رڪشو به چور ڪاهي ويا گل محمد ملڪ جو چوڻ هو ته انهي رڪشي تي ٻچن جو گذر سفر هيو فاڪا ڪشي تي مجبور ٿي ويا آهن جڏهن ته واقعي جو اطلاع سرحد پوليس کي ڏنو ويو مگر سرحد پوليس موٽرسائيڪل جي واپسي لاءِ ڪو به قدم ناهي کڻي سگهي، هوڏانهن ڳوٺاڻي آصف مهر ايس ايس پي گهوٽڪي، ايس ايڇ او سرحد ۽ ٻين وس وارن کان چوري ٿيل موٽرسائيڪل جي واپسي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 20

پوٽي ابير احمد سريوال ۽ پي ايس 68 تعلقي ماتلي جي اميدوار ۽ اڳوڻي ايم پي اي بشير احمد سريوال جي پائٽي تنوير احمد سريوال پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت جي فيصلي کي مان ڏيندي مختلف برادرين جي نيڪ مردن سان گڏجي ڳوٺ ماڪ لغاري ۾ سريوال هائوس تي اين اي 222 بدين هڪ تڪ جي پيپلزپارٽي پاران نامزد اميدوار مير غلام علي ٽالپر ۽ پي ايس 68 تعلقي ماتلي تڪ جي نامزد پ پ اميدوار ڏاڏا حاجي محمد هاليپوٽو جي موجودگي ۾ سنڌن حق ۾ دستبردار ٿيڻ جو اعلان ڪندي چيو ته اسان پيپلز پارٽي سان گڏ آهيون ۽ پارٽي قيادت جي فيصلي بعد پارٽي جن اميدوارن کي ٽڪيٽون جاري ڪيون آهن انهن سان گڏجي پ پ مخالفن کي شڪست ڏينداسون جڏهن ته ان موقعي تي پ پ ٽڪيٽن تي اليڪشن ڪندڙ اميدوارن مير غلام علي ٽالپر ۽ ڏاڏا محمد هاليپوٽو ميڊيا سان مخاطب ٿيندي چيو ته اسان پارٽي قيادت جي حڪم تي ابير خان سريوال ۽ تنوير خان سريوال ۽ زاهد خان سريوال وٽ پهتا آهيون جن پارٽي قيادت ۽ بشير احمد خان سريوال جي فيصلي کي مان ڏيندي اسان جي حق ۾ دستبردار ٿيڻ سان گڏ اليڪشن ۾ ڀرپور حمايت جو يقين ڏيارايو آهي اڳ ۾ به اسان سريوال فيملي جي حمايت سان اليڪشن ۾ جيت حاصل ڪئي ۽ هاڻي به سريوال فيملي جي مڪمل حمايت بعد اسان جي ڪاميابي يقيني آهي.

بقايا سنڌيار 21

76 تي پ پ پ اميدوار حاجي علي حسن زرداريءَ جي مان ۾ اڄياڻو ڏنو ويو ان موقعي تي پ پ پ اميدوارحاجي علي حسن زرداري خطاب ڪندي چيو ته پ پ پ ملڪ وڏي پارٽي آهي ان ۾ اختلاف رکندڙن جو به احترام ڪيو ويندو آهي رئيس عبدالغني کي به پارٽي قيادت کان ڪجهه ناراضگيون هيون جيڪي پ پ پ جي مرڪزي اڳواڻن سان ملاقات ۾ سنڌن سمورين شڪايتن کي ختم ڪيو ويو آهي رئيس عبدالغني ٻگهياڙ حاجي علي حسن زرداريءَ جي حق ۾ باقاعده دستبردار ٿيندي چيو ته انشاالله حاجي علي حسن زرداريءَ جي سوپ ڪانپوءِ تعلقو ساڪرو ترقيءَ جون وڌيڪ منزلون طئي ڪندو.

بقايا سنڌيار 22

شهدادڪوٽ سيف الرحمان بريفنگ ڏيندي چيو ته اسان جي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ٽوٽل آبادي 1514869 ۽ ٽوٽل ووٽرن جو تعداد 820458 آهي جنهن ۾ مرد ووٽرن جو تعداد 448329 ۽ عورت ووٽرن جو تعداد 372129 آهي، قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 196 ۽ اين اي 197 ۽ صوبائي اسيمبلي جي تڪ پي ايس ـ 14، پي ايس ـ 15، پي ايس ـ 16 ۽ پي ايس 17 تي مشتمل آهن. ان کان علاوه اسان جي ضلعي ۾ 7 تعلقا ۽ 52 يونين ڪائونسل آهن. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر قمبر شهدادڪوٽ سجاد حيدر قادري اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته اسان جي ضلعي اندر ڪجهه علائقا حساس ۽ ڪجهه علائقا انتهائي حساس آهن انهن پولنگ اسٽيشنن تي سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون وينديون ته جيئن هر هڪ اٿوڻندڙ چرير تي نظر رکي سگهجي هن وڌيڪ چيو ته هي هڪ قومي ڪاز آهي اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي ته جيئن هن اليڪشن ۾ اسان سڀ پنهنجيون پنهنجيون ذميداريون سٺي طريقي سان نڀائي سگهون. ان کان علاوه هن سيڪيو عملدارن کي هدايتون ڏيندي چيو اليڪشن دوران شهري ٽوڙي ڀهراڙين وارن فيڊرن تي ڪنهن به قسم جي لوڊشيڊنگ نه ڪئي وڃي، ان موقعي تي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي سرڪاري ادارن جا سيڻئي عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 23

اسلامي ماتلي جي قومي ۽ صوبائي سيٽن تي ٻن عورتن کي اميدوار نامزد ڪري ڇڏيو آهي تفصيل موجب جي ڊي اي پاران بدين جي حلقي اين اي 222 ماتلي تلهار تي مير حسين بخش ٽالپر اين اي 223 بدين گولاڙچي ٽنڊو باگو تي حسام مرزا پي ايس 68 ماتلي منصور نظاماڻي. پي ايس 69 تلهار ڊاڪٽر مير عبد الله ٽالپر. پي ايس 70 ٽنڊو باگو حسنين مرزا. پي ايس 71 بدين حسام مرزا. پي ايس 72 گولاڙچي امير حسن آزاد پنهور وڪيل شامل آهن جڏهن ته پاڪستان تحريڪ انصاف پاران اين اي 222 ماتلي تلهار تي شاهنواز نظاماڻي اين اي 223 بدين گولاڙچي ٽنڊو باگو تي اڳوڻو ضلعي نائب ناظم عزيز الله ڏيرو پي ايس 68 ماتلي تي عطاالرحمان پي ايس 69 تلهار مير ابوبڪر ٽالپر پي ايس 70 ٽنڊو باگو تي علي اڪبر ليل پي ايس 71 بدين خليفو اشفاق احمد ميمڻ پي ايس 72 گولاڙچي تي سيد حسن شاهه کي اميدوار نامزد ڪري انهن کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏيا جن جمع جي ڏينهن رٽرننگ آفيسرن وٽ ٽڪيٽ جمع ڪرائي نشان لاءِ درخواستون پڻ ڏئي ڇڏيون آهن ٻئي طرف جماعت اسلامي پاران پڻ بدين ضلعي جي ٻن قومي اسيمبلي جي ۽ پنجن صوبائي اسيمبلين جي سيٽن تي پنهنجن اميدوار کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن جن ۾ اين اي 222 ماتلي تلهار تي محترما صفيا خانم ٿيبو ۽ پي ايس 68 ماتلي تي محترما پروين جوڻيجو کي ۽ اين اي 223 بدين تي محمد موسي ملاح پي ايس 69 تلهار تي اڪبر جوڻيجو پي ايس 70 ٽنڊو باگو تي عبدالڪريم بليدي پي ايس 71 بدين تي الهجايو هاليپوٽو پي ايس 72 گولاڙچي تي سيد علي مردان شاهه گيلاني اميدوار نامزد ڪري کين ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن ٻئي طرف جي ڊي اي جي ذريعن کان ملندڙ ڄاڻ موجب ته ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ڊاڪٽر فهميدا مرزا پاران سنڌن ناميٽيشن فارم رد ٿيڻ خلاف سنڌ هائي ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪرڻ سان گڏ فيصلو اچڻ تائين کين چونڊ نشان الاٽ ڪرڻ جي درخواست پڻ داخل ڪري ڇڏي آهي

بقايا سنڌيار 24

جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي جي پرائمري اسڪول گورنمنٽ پبلڪ ڪلسٽر پرائمري اسڪول جو اوچتو درور اسڪول جي هيڊ مسٽريس ميڊم زينب شاهين ۽ ڊپٽي هيڊ ميڊم عائشا ترمذي ۽ سينيئر اسڪول ٽيچر ميڊم شميرا جاويد ميمڻ سميت اسڪول جي تدريسي اسٽاف سان ملاقات اسڪول کي درپيش ايندڙ مسئلن ۽ معاملن تي ڳالهه ٻولهه انهي موقعي تي ڊي اي او پرائمري پاران اسڪول ۾ سموري اسٽاف جي مڪمل حاضري تي سنڌن تعريف جڏهن ته اسڪول ۾ پاڻي جي ڪوٽ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هينڊ پمپ جو پڻ افتتاح ڪيو جڏهن ته اسڪول جي شاگردن کان نصاب مان سوال پڻ ۽ ٻارن جي جواب تي کين ڪيش انعامي رقم ڏيڻ سان پڻ نوازيو ۽ ٻارن جي تعليمي ڄاڻ تي سنڌن تعريف پڻ ڪئي، انهي موقعي تي اسڪول جي هيڊ مسٽريس زينب شاهين، ڊپٽي هيڊ عائشا ترمذي ۽ سينيئر ٽيچر شميرا جاويد ميمڻ سميت اسڪول جو سمورو تدريسي ۽ غير تدريسي اسٽاف پڻ موجود هو انهي موقعي تي ڊي اي او پاران اسڪول جي ٻن ٽيچرز مس حفيظان سولنگي ۽ مس فهميدا ياسمين قريشي اپريسيئشن سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا

بقايا سنڌيار 25

نواب زبير ٽالپر جي شرڪت، اجلاس ۾ پاڻي يوريا پاڻ جي کوٽ، دوائن جي کوٽ ۽ ٻين موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي،خبر موجب شيخ پرڪيو ۾ سنڌ آبادگار اتحاد جو ساليانو اجلاس ڳوٺ حاجي خان محمد ڪمبوه ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ سنڌ آبادگار جي صدر نواب زبير احمد ٽالپر جنرل سيڪريٽري محمد انوار ڪمبوه لالا عبدالرشيد ڪمبوه مير خان عاقلاڻي عبدالرحيم درس مير ظفرالله ٽالپر انور داتوداڻي ۽ مختلف ضلعن جي آبادگارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ يوريا پاڻ دوائن جي کوٽ پاڻي جي کوٽ ڪٽڪ جي اڳ سميت آبادگارن مختلف موضحن تي ڳالهيون ڪيون آبادگار اڳواڻ نواب زبير ٽالپر ۽ ٻين آبادگارن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي آبادگارن جا فصل هٽ وڃي سگهيا پيا وڃن پاڻي جي واري بندي ڇهه جنوري تي ٽيٽائي هئي پر هڪ مهينو اڳ ئي واهن جا در بند ڪيا ويا جنهن سان آبادگارن جا پوڪيل فصل سڪي تباهه ٿي رهيا آهن هنن چيو ته آبادگارن کي پاڻ به نٿو ملي جيڪو ملي ٿو اهو مهانگي اگهه تي ملي ٿو پاڻ جي بليڪ تي وڪرو خلاف اسان احتجاج رڪارڊ ڪرايا آهن پر نگران سرڪار اگهور ننڊ ستل آهي آبادگارن چيو ته سنڌ ۾ آبادگارن سان ٿيندڙ ظلم بند ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 26

قدير شاهه، غلام علي شر، محمد سڄل ڀهوڙ به شامل هئا فوتين جي وارثن کي جي آءِ ٽي رپورٽ به نه ملي سگهي. واقعي جا ڪارڻ ظاهر نه ٿي سگهيا. تڪ جي چونڊيل نمائندن پاران فوتي نوجوانن جي وارثن کي 8 سالن کان روزگار ڏيڻ جا آسرا ملندا رهيا، فوتين جا وارث غربت واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل. روزگار ڏيڻ ۽ جي آءِ ٽي رپورٽ پڌري ڪرڻ جو مطالبو. تفصيل موجب 8 سال اڳ مليرباءِ پاس تي آئل ٽئنڪر ۽ مسافر ڪوچ کي لڳل باهه جي نتيجي ۾ 62 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا هئا جن جي وارثن پاران 11 جنوري ڏينهن تي پنهنجي وڇڙي ويل پيارن کي ياد ڪندي گهرن ۾ قرآن خوانيون ڪيون ويون ۽ سنڌن جا گهر ياتي پنهنجي وڇڙي ويل نوجوانن کي ساريندي روئيندا رهيا ان سلسلي ۾ خانپور شهر واسي محمد ابراهيم انصاري جي پياءِ خالد احمد انصاري ۽ سيد غلام قدير شاهه جي والد سيد ميول شاهه صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته 11 جنوري 2015 تي اسان جا نوجوان روزگار حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسپيشل ڪمانڊوز جي ٽيسٽ ڏيڻ جي لاءِ ڪراچي ويل هئا جتان واپسي اچي رهيا هئا ته مسافر ڪوچ ۽ آئل ٽينڪر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ ڪوچ کي باهه ڪوڙي وئي جنهن سبب اسان جي نوجوانن سميت 62 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا ان وقت جي حڪومت واقعي جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي ڪميٽي جوڙي هئي ته واقعي جي جاچ مڪمل ڪري زميدارن جي خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي جنهن جي رپورٽ 8 سال گذرڻ جي باوجود پڌري نه ڪئي وئي آهي نه ئي واقعي جي ڪنهن به ذميدار کي ظاهر ڪيو ويو آهي اسان جا نوجوان روزگار جي تلاش ۾ ويل هئا جيڪي موت جي ور چڙهي ويا ان وقت جي حڪومت ۾ وزيرن عابد خان پيو ۽ اعجاز خان جکراڻي فوتي نوجوانن جي وارثن وٽ پهچي يقين ڏيارايو ته فوتي نوجوانن جي وارثن کي حڪومت روزگار فراهم ڪندي جيڪو واعدو 8 ورهيه گذرڻ جي باوجود حل نه ٿي سگهيو آهي ۽ نوجوانن جا گهر پاڻي ڏکيائين پري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن فوتي نوجوانن جا وارث اڄ به حڪومت مان اميد رکي ويٺا آهن ته حڪومت واقعي جي جي آءِ ٽي رپورٽ پڌري ڪري واقعي ۾ ملوث ذميدارن کي گرفت ۾ آڻي سزائون ڏيندي ۽ فوتي نوجوانن جي وارثن جي عزت ڀريو روزگار فراهم ڪندي ته جيئن پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ پالي سگهون.

بقايا سنڌيار 27

آڊيٽوريم ۾ رٽائرڊ پروفيسرن عبد الجبار سولنگي، پروفيسر علي حيدر قاضي ۽ پروفيسر سيد بشارت شاهه کي مڃتا ڏيڻ لاءِ شاندار تقريب ڪوٺائي وئي آهي، جنهن ۾ سکر، خيرپور، لاڙڪاڻو، گهوٽڪي، جيڪب آباد ، شڪارپور، نوشهرو فيروز ۽ ٻين شهرن مان سپلا جي عهديدارن، مختلف ڪاليجن جي پرنسپالن ۽ ڪاليجي استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري رٽائرڊ پروفيسرن کي اجرڪ ۽ گلن جا هار پارائي کين محبتن سان نوازيو آهي پروگرام ۾ پروفيسر فقير اختيار ڪلهوڙو جڏهن پروفيسر ملهار سنڌيءَ جو لکيل سپلا جو ترانو پيش ڪيو ته ماحول ۾ جذباتي منظر ڏسڻ وٽان هيو تقريب کي خطاب ڪندي سپلا ۽ اپلاجي مرڪزي صدر پروفيسر منور عباس چيو ته سنڌ جي ڪاليجي استادن کي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جي طرز تي جلد از فائيو ٽيئر ڏنو وڃي جيڪو سنڌن حق آهي هن چيو ته فائيو ٽيئر جي حاصلات لاءِ تحريڪ جي شروعات سکر مان ڪنداسين هن چيو ته نگران تعليم واري وزير سنڌ جي ڪاليجي استادن ڏانهن پنهنجو رويو درست ڪري! سپلا سکر ريجن جي صدر پروفيسر مشتاق ڦلپوٽو چيو ته ڪاليجن ۾ پرنسپالن جي مقرري سينارٽي جي بنيادن تي ٿيندي آهي ان لاءِ ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پاران سرچ ڪاميٽين جي مقرري کي رد ڪريون ٿا هن مطالبو ڪندي چيو آهي ته ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ڪندڙ ڪاليجي استادن کي يونيورسٽي جي برابر الائونس ڏيئي بي چيني ختم ڪئي وڃي سپسا جي ريجنل صدر پروفيسر عبد الوهاب بلوچ چيو ته سپلا جدوجهد جي شاندار تاريخ رکندڙ تنظيم آهي مانوارن پروفيسرن کي مڃتا ڏيڻ لاءِ اهڙو شاندار پروگرام ڪرائڻ ساراهه جوڳو عمل آهي تقريب جي ڪمپيئرنگ پروفيسر ملهار سنڌيءَ ڪئي جڏهن ته ان دوران پروفيسر سيد غلام اصغر شاهه. پروفيسر الطاف حسين کهڙو، پروفيسر عبد الجبار سولنگي، پروفيسر علي حيدر قاضي ۽ پروفيسر سيد بشارت شاهه. پروفيسر غفران الله بلوچ ، پروفيسر محمد ايوب مري. پروفيسر محمد سليم جوڻي پروفيسر ارمان علي شيخ ۽ ٻين خيالن جو اظهار ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 28

جي ايوب ڪالوني واسي چنگچي رڪشا هلائيندڙ بابر شيخ سان پسند جو پرڻو ڪري احتجاج ڪندي تحفظ جي گهر ڪئي آهي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جوڙي بابرا شيخ پنهنجي مڙس بابر شيخ سان گڏجي ڏانهيندي چيو ته هفتو اڳ سکر جي هاءِ ڪورٽ ۾ مسمان ٿيڻ بعد بابر شيخ سان پسند جي شادي ڪئي جنهن کان پوءِ پيءُ بادل پيل، ڀاءُ بلاول پيل، امڙ روشانا پيل ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن تي مون اسان سيشن ڪورٽ ۾ پنهنجي وڪيل شفيق شيخ جي معرفت تحفظ لاءِ درخواست داخل ڪرائي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي چاٽيل ماڻٽن خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 29

حڪومت کين پر بدين سميت سنڌ جي عوام کي سوائي مايوسي جي ڪجهه به نه ملي سگهيو آهي اهڙن خيالن جو اظهار بدين جي تڪ اين اي 223 تان پي ٽي آئي طرفان نامزد اميدوار خليفو اشفاق ميمڻ نيشنل پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس دوران ڪيو هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته سنڌ اندر خودڪار روزگار ڏنو وڃي، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت ملندڙ رقم مان اگر سنڌ اندر انڊسٽريز لڳايون وڃن ته هزارين غريبن کي روزگار ملي سگهي ٿو ٿرپارڪر ۾ صحت ڪارڊ کي شروع ڪيو ويو هو پر ان کي زبردستي بند ڪيو ويو جنهن سان اٿي جي غريب ماڻهن کي نقصان ٿي رهيو آهي جڏهن ته خيبر پختون خواهه ۽ پنجاب ۾ اهيو ساڳيو ڪارڊ هلي پيو جنهن جو اٿي جي ماڻهن کي فائدو ملي رهيو آهي بدين ضلعي ۾ 8 سو سرڪاري اسڪول اهڙا آهن جيڪي بند پيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته اسان وٽ برادري ازم کي هٽي ڏني پئي وڃي اسان جي دور اقتدار ۾ ڪنهن کي به ڪوڙا شناختي ڪارڊ نهي نه مليا پر آغا سراج دراني 10 لک افغانين کي ڪارڊ فراهم ڪيا. اڄ به اگر ڪنهن افغاني کان پڇيو وڃي ته هو پنهنجو ليڊر سراج دراني کي تسليم ڪري ٿو سنڌ جي عوام کي زبردستي اهيو سمجهايو پيو وڃي ته پيپلزپارٽي ئي سنڌ جي هڏڏوڪي پارٽي آهي، انهي موقعي تي عزيز الله ڏيرو، چوڻا ڪپتان مقيت نظاماڻي، ملڪ ڪامران اعوان، محمد رفيق نهڙيو لالا نواز، غلام رسول ميمڻ ۽ ٻيا ڳوٺ ۽ ڪارڪن به موجود هئا

بقايا سنڌيار 30

سرڪاري تحقيقي پلاٽن ۾ لڳايو آهي ان ڪانپوءِ منظوري وٺي ۽ منظور ڪانپوءِ اسان ان کي مارڪيٽ ۾ وڪڻو ٿا اسان جا تمام ٻج اعلي معيار جا آهن اسان جي ڪمپني جا ٻج لڳائيندا تي انشاءالله ٿوهان کي ان مان بهترين پيدوار ملندي ان سان گڏ اسان اڄ جي ملاقات جو ابتدائي مقصد صرف مرچ ڪپه ۽ ٽروڻ جي ٻجن باري ۾ ٻڌائڻ هو آبادگارن چيو ته هاڻي اسان پنهنجي زمين ۾ رڄنا ايگري زرعي ڪاروبار جا ٻج لڳائينداسين ان موقعي تي رئيس عالمگير نظاماڻي عمردراز قريشي غلام رسول نظاماڻي آبادگار سلطان نظاماڻي ايف او نعمان قريشي عبير قريشي جاويد وسان ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 31

امتياز مڪڻ خاصخيلي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته استاد دشمن ڊي او پرائمري کي فوري طور تي هٽايو وڃي ڊي او پهنجي آفيس ۾ من پسند ڪلارڪ رکيا آهن جيڪي استادن کي هر ڪم لاءِ بيحد پريشان ڪن ٿا انهن کي پنهنجي پوسٽنگ واري جڳهه تي موڪليو وڃي هرڪم لاءِ استادن کان رشوت گهرن ٿا احتجاج ڪندڙن استادن مطالبو ڪيو ته ڊي او پرائمري کي فوري طور هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 32

جرنلسٽ جي صدر امداد بوزدار جي اڳوائي ۾ احتجاجي علائقي ٻڪ هڙتال جو سلسلو جاري رکي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وءِ سکرپريس ڪلب جي لالا شهباز خان پٺاڻ ، شهزاد تاباڻي، خالد پاٽيڻ ،، ديدار انڙ ،سحرش ڪوڪر، جلال الدين پيو شوڪت راهي، ، اورنگ زيب ماڪو رياض راجپوت، اسلم دايو ۽ ٻيا شامل هئا جڏهن ته ،سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر نذير ڪوڪر عطا محمد پٽو مخدوم بلاول، اعظم منگريو ۽ٻين شريڪ ٿي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته هاڻي صحافين کي لارا لپا ڏئي احتجاجي تحريڪ کي ختم ڪرائڻ جو وقت گذري ويو اسان شهيد جان محمد مهر جي ڪيس کي سرد خاني حوالي ٿيڻ نه ڏينداسين، 5 مهينا وڏو عرصو گذري ويو پر اڃان تائين حڪومت ۽ پوليس ڪو به سنجيده قدم نه پٽي ڪٽي اڳواڻن چيو ته جيستائين قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي خاموش ٿي نه ٿيندسين ان سلسلي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي سنڌ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي 13 جنوري تي سکر پريس ڪلب ۾ ٿيندڙ سنڌ جرنلسٽ ڪنونشن جون تياريون زور شور سان جاري آهن سنڌ جي مختلف علائقن جا صحافي سياسي سماجي، واپاري ۽ وڪيل اڳواڻ ڀرپور شرڪت ڪندا ڪنونشن ۾ شهيد جان محمد جي اصل قاتلن جي گرفتاري تائين تحريڪ کي وڌائڻ لاءِ اهم اعلان ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 33

محسن، امتياز ميمڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته اسان جي ملازمن کان موڪلن واري ڏينهن به ڪم ورتو وڃي ٿو ۽ ملازمن کي ڏورانهن علائقن ڏانهن ڪم ورتو وڃي ٿو پر ان باوجود ملازمن کي ڪو به ٽي اي ڊي نه پيو ڏنو وڃي ۽ ڪو به بونس يا الائونس ناهي، واپڊا جا ملازم پنهنجي جان جي خطري ۾ وجهي پنهنجو فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن پر ان جي باوجود اسان جا جائز مطالبا تسليم نه ڪيا پيا وڃن ۽ ان جي برعڪس واپڊا کي نجڪاري ڪرڻ جو بندوبست ڪيو پيو وڃي، جيڪا ملازمن سان وڏي ناانصافي آهي. احتجاج ڪندڙن نگران وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي ملازمن جا جائز مطالبا مڃيا وڃن ۽ واپڊا جي ممڪن نجڪاري جو فيصلو واپس ورتو وڃي. ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 34

آهي ته اسان جي زرعي زمين تي چار سال اڳ قبضو ڪيو ويو هو جنهن جو ڪيس هلندڙ هو ڪجهه ڏينهن اڳ ڪورٽ اسان جي حق ۾ فيصلو ڏنو هو گجو پوليس جزوي ڪارروائي ڪندي قبضا مافيا کان هٿيار هٽ ڪيا هئا پر پوليس ڪو به ڪيس داخل نه ڪيو ان ڪان پوءِ قبضه مافيا مسلسل پنج ڏينهن کان اسان جي ڳوٺ تي فائرنگ ڪئي پئي وڃي احتجاج ڪندڙن ڏاڙهو ملاح، شاهد ملاح، سومار ملاح، يامين ملاح، عزيز ملاح ۽ ٻين نگران وزيراعلي سنڌ، ڊي سي ٺٽو ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته اسان جي سروي زمين تان قبضو ختم ڪيو وڃي ۽ ڳوٺن تي فائرنگ ڪندڙن کي گرفتار ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 35

خان دراني ڪئي آيل مهمانن کي ضلع ڪائونسل ميمبر امير دراني آجياڻو ڏنو جنهن ۾ يوسي لونگ پٽي جي چٽني وارڊ جي معززن شخصيتن شرڪت ڪئي ۽ سيائي پي ايس 23 ايم پي اي سيد اويس قادر شاهه جي سيائي جي يوسي لونگ پٽي 38 رڪيل پروگرام جي سلسلي ۾ ڪئي ۽ پروگرام جي ترتيب ڪيا ويا ڪارنر گڏجاڻي ۾ ضلع ڪائونسل ميمبر امير دراني چيو ته پيپلزپارٽي انشاالله پوري سنڌ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندي ڪارنر گڏجاڻي جي اختتام ۾ جٽي پتوجٽي پتوجٽي نارن سان گڄندو رهيو

بقايا سنڌيار 36

ضلعي جي آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي جو مهمان خاص ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن لاڙڪاڻو اسدالله هو ان موقعي تي ايف ايف سي لاڙڪاڻو جي زرعي ماهر محمد وقاص ڪٽڪ جي پيداواري ٽيڪنالاجي تي ڳالهه ٻولهه ڪندي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سڀ آبادگار پاڻ جي متوازن استعمال ڪن ته جيئن گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهجن ان لاءِ ايف ايف سي جي پاڻ کي پنهنجي زرعي زمين ۾ استعمال کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن ڪٽڪ جي پيدوار ۾ اضافو ٿئي. مهمان خصوصي ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن لاڙڪاڻو اسدالله چيو ته آبادگار في ايڪڙ پيدوار وڌائڻ لاءِ بروقت ڪٽڪ جي جڙي ٻوٽين کي ضايع ڪن جنهن سان ڪٽڪ جي پيدوار ۾ ڪافي حد تائين اضافو ممڪن آهي.

بقايا سنڌيار 37

شاهه ۽ جام اڪرام الله ڌاريجو جي حق ۾ هٽ ڪٽي ويو پ پ اميدوارن جي مڪمل حمايت جو اعلان، خبر موجب سکر جي علائقي سنگرار ۾ پ پ اڳواڻ سيد سيد زاهد حسين شاهه جي رهائشگاهه تي سيد خورشيد احمد شاهه ، جام اڪرام الله ڌاريجو سيد فرخ شاهه ، سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اليڪشن جي شروعات 27 ڊسمبر کان ڳڙهي خدا بخش پٽو کان ڪئي آهي جيڪا جاري آهي سيد زاهد حسين شاهه ۽ سيد محسن عباس شاهه جي هر ممڪن مدد پ پ قيادت سان گڏ آهي، استعيفيٰ جو تاثر غلط آهي اهو سلسلو نه هجڻ گهرجي پ پ کان علاوه ڪا به جماعت عوام وٽ نظر نه ٿي اچي اسان ڊرائنگ روم جي سياست ناهيون ڪندا هن چيو ته اليڪشن سان ملڪ جي معيشت جڙيل آهي اسان وڏو نقصان ڪنيو آهي افغانستان به هاڻي پاڪستان کي ڇڏي پارٽ سان واپار ڪري رهيو آهي اليڪشن ٿيڻ گهرجي چيف جسٽس جي حڪمن تي عمل نه ٿيو ته ان سان عدالتي بحران پيدا ٿيندو اسان هميشه ادارن جي مضبوطي لاءِ ڪم ڪيو اسان پندرنهن سال چارٽر آف ڊيموڪريسي ڏانهن ڏنوسين هر ڳالهه آخري ناهي هوندي ڪلهه اسان جا جيڪي مخالف هئا انهن سان اتحاد ڪرڻو پيو جيڪو فقط جمهوريت خاطر هيو پ پ خلاف هميشه اتحاد ٺهندا آهن پر انهن سان اسان کي ڪو به فرق نٿو پوي محترمه کي دهشتگردي جو جٿي ملڪ ۾ اچڻ کان روڪيو پئي ويو پر پوءِ به اسان پوئتي ڪو نه هٽياسينشاهه ۽ جام اڪرام الله ڌاريجو جي حق ۾ هٽ ڪٽي ويو پ پ اميدوارن جي مڪمل حمايت جو اعلان، خبر موجب سکر جي علائقي سنگرار ۾ پ پ اڳواڻ سيد سيد زاهد حسين شاهه جي رهائشگاهه تي سيد خورشيد احمد شاهه ، جام اڪرام الله ڌاريجو سيد فرخ شاهه ، سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اليڪشن جي شروعات 27 ڊسمبر کان ڳڙهي خدا بخش پٽو کان ڪئي آهي جيڪا جاري آهي سيد زاهد حسين شاهه ۽ سيد محسن عباس شاهه جي هر ممڪن مدد پ پ قيادت سان گڏ آهي، استعيفيٰ جو تاثر غلط آهي اهو سلسلو نه هجڻ گهرجي پ پ کان علاوه ڪا به جماعت عوام وٽ نظر نه ٿي اچي اسان ڊرائنگ روم جي سياست ناهيون ڪندا هن چيو ته اليڪشن سان ملڪ جي معيشت جڙيل آهي اسان وڏو نقصان ڪنيو آهي افغانستان به هاڻي پاڪستان کي ڇڏي پارٽ سان واپار ڪري رهيو آهي اليڪشن ٿيڻ گهرجي چيف جسٽس جي حڪمن تي عمل نه ٿيو ته ان سان عدالتي بحران پيدا ٿيندو اسان هميشه ادارن جي مضبوطي لاءِ ڪم ڪيو اسان پندرنهن سال چارٽر آف ڊيموڪريسي ڏانهن ڏنوسين هر ڳالهه آخري ناهي هوندي ڪلهه اسان جا جيڪي مخالف هئا انهن سان اتحاد ڪرڻو پيو جيڪو فقط جمهوريت خاطر هيو پ پ خلاف هميشه اتحاد ٺهندا آهن پر انهن سان اسان کي ڪو به فرق نٿو پوي محترمه کي دهشتگردي جو جٿي ملڪ ۾ اچڻ کان روڪيو پئي ويو پر پوءِ به اسان پوئتي ڪو نه هٽياسين

بقايا سنڌيار 38

شاهه ۽ جام اڪرام الله ڌاريجو جي حق ۾ هٽ ڪٽي ويو پ پ اميدوارن جي مڪمل حمايت جو اعلان، خبر موجب سکر جي علائقي سنگرار ۾ پ پ اڳواڻ سيد سيد زاهد حسين شاهه جي رهائشگاهه تي سيد خورشيد احمد شاهه ، جام اڪرام الله ڌاريجو سيد فرخ شاهه ، سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اليڪشن جي شروعات 27 ڊسمبر کان ڳڙهي خدا بخش پٽو کان ڪئي آهي جيڪا جاري آهي سيد زاهد حسين شاهه ۽ سيد محسن عباس شاهه جي هر ممڪن مدد پ پ قيادت سان گڏ آهي، استعيفيٰ جو تاثر غلط آهي اهو سلسلو نه هجڻ گهرجي پ پ کان علاوه ڪا به جماعت عوام وٽ نظر نه ٿي اچي اسان ڊرائنگ روم جي سياست ناهيون ڪندا هن چيو ته اليڪشن سان ملڪ جي معيشت جڙيل آهي اسان وڏو نقصان ڪنيو آهي افغانستان به هاڻي پاڪستان کي ڇڏي پارٽ سان واپار ڪري رهيو آهي اليڪشن ٿيڻ گهرجي چيف جسٽس جي حڪمن تي عمل نه ٿيو ته ان سان عدالتي بحران پيدا ٿيندو اسان هميشه ادارن جي مضبوطي لاءِ ڪم ڪيو اسان پندرنهن سال چارٽر آف ڊيموڪريسي ڏانهن ڏنوسين هر ڳالهه آخري ناهي هوندي ڪلهه اسان جا جيڪي مخالف هئا انهن سان اتحاد ڪرڻو پيو جيڪو فقط جمهوريت خاطر هيو پ پ خلاف هميشه اتحاد ٺهندا آهن پر انهن سان اسان کي ڪو به فرق نٿو پوي محترمه کي دهشتگردي جو جٿي ملڪ ۾ اچڻ کان روڪيو پئي ويو پر پوءِ به اسان پوئتي ڪو نه هٽياسينشاهه ۽ جام اڪرام الله ڌاريجو جي حق ۾ هٽ ڪٽي ويو پ پ اميدوارن جي مڪمل حمايت جو اعلان، خبر موجب سکر جي علائقي سنگرار ۾ پ پ اڳواڻ سيد سيد زاهد حسين شاهه جي رهائشگاهه تي سيد خورشيد احمد شاهه ، جام اڪرام الله ڌاريجو سيد فرخ شاهه ، سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اليڪشن جي شروعات 27 ڊسمبر کان ڳڙهي خدا بخش پٽو کان ڪئي آهي جيڪا جاري آهي سيد زاهد حسين شاهه ۽ سيد محسن عباس شاهه جي هر ممڪن مدد پ پ قيادت سان گڏ آهي، استعيفيٰ جو تاثر غلط آهي اهو سلسلو نه هجڻ گهرجي پ پ کان علاوه ڪا به جماعت عوام وٽ نظر نه ٿي اچي اسان ڊرائنگ روم جي سياست ناهيون ڪندا هن چيو ته اليڪشن سان ملڪ جي معيشت جڙيل آهي اسان وڏو نقصان ڪنيو آهي افغانستان به هاڻي پاڪستان کي ڇڏي پارٽ سان واپار ڪري رهيو آهي اليڪشن ٿيڻ گهرجي چيف جسٽس جي حڪمن تي عمل نه ٿيو ته ان سان عدالتي بحران پيدا ٿيندو اسان هميشه ادارن جي مضبوطي لاءِ ڪم ڪيو اسان پندرنهن سال چارٽر آف ڊيموڪريسي ڏانهن ڏنوسين هر ڳالهه آخري ناهي هوندي ڪلهه اسان جا جيڪي مخالف هئا انهن سان اتحاد ڪرڻو پيو جيڪو فقط جمهوريت خاطر هيو پ پ خلاف هميشه اتحاد ٺهندا آهن پر انهن سان اسان کي ڪو به فرق نٿو پوي محترمه کي دهشتگردي جو جٿي ملڪ ۾ اچڻ کان روڪيو پئي ويو پر پوءِ به اسان پوئتي ڪو نه هٽياسين

بقايا سنڌيار 39

خبرموجب سرحد ۾ بدامني هڪ ڀيرو ٻيهر وري ڪر کنيو آهي سرحد ٿاڻي جي حد اسٽيشن روڊ تان نامعلوم چور ڏينهن ڏٺي جو ڳوٺاڻي آصف مهر جي سي ڊي موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا ٿوري ئي دير ۾ سرحد بس اسٽاپ پرسان سڪندر مهر جي به موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي جڏهن ته بس اسٽاپ کان سرحد ٿاڻو ٿورن قدمن تي هجڻ باوجود ايس ايڇ او سرحد حاجي اربيلو سميجو ننڊ مان نه اٿي سگهيو ياد رهي ته ٻه ڏينهن ٻهريان سماجهي اڳواڻ عبدالحفيظ ڍهر جي موٽر سائيڪل به چوري ٿي وئي هئي جيڪا هن مهل تائين واپس نه ٿي سگهي ساڳئي ڏينهن گل محمد ملڪ جو رڪشو به چور ڪاهي ويا گل محمد ملڪ جو چوڻ هو ته انهي رڪشي تي ٻچن جو گذر سفر هيو فاڪا ڪشي تي مجبور ٿي ويا آهن جڏهن ته واقعي جو اطلاع سرحد پوليس کي ڏنو ويو مگر سرحد پوليس موٽرسائيڪل جي واپسي لاءِ ڪو به قدم ناهي کڻي سگهي، هوڏانهن ڳوٺاڻي آصف مهر ايس ايس پي گهوٽڪي، ايس ايڇ او سرحد ۽ ٻين وس وارن کان چوري ٿيل موٽرسائيڪل جي واپسي جو مطالبو ڪيو آهي.خبرموجب سرحد ۾ بدامني هڪ ڀيرو ٻيهر وري ڪر کنيو آهي سرحد ٿاڻي جي حد اسٽيشن روڊ تان نامعلوم چور ڏينهن ڏٺي جو ڳوٺاڻي آصف مهر جي سي ڊي موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا ٿوري ئي دير ۾ سرحد بس اسٽاپ پرسان سڪندر مهر جي به موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي جڏهن ته بس اسٽاپ کان سرحد ٿاڻو ٿورن قدمن تي هجڻ باوجود ايس ايڇ او سرحد حاجي اربيلو سميجو ننڊ مان نه اٿي سگهيو ياد رهي ته ٻه ڏينهن ٻهريان سماجهي اڳواڻ عبدالحفيظ ڍهر جي موٽر سائيڪل به چوري ٿي وئي جيڪا هن مهل تائين واپس نه ٿي سگهي ساڳئي ڏينهن گل محمد ملڪ جو رڪشو به چور ڪاهي ويا گل محمد ملڪ جو چوڻ هو ته انهي رڪشي تي ٻچن جو گذر سفر هيو فاڪا ڪشي تي مجبور ٿي ويا آهن جڏهن ته واقعي جو اطلاع سرحد پوليس کي ڏنو ويو مگر سرحد پوليس موٽرسائيڪل جي واپسي لاءِ ڪو به قدم ناهي کڻي سگهي، هوڏانهن ڳوٺاڻي آصف مهر ايس ايس پي گهوٽڪي، ايس ايڇ او سرحد ۽ ٻين وس وارن کان چوري ٿيل موٽرسائيڪل جي واپسي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 40

شاهه ۽ جام اڪرام الله ڌاريجو جي حق ۾ هٽ ڪٽي ويو پ پ اميدوارن جي مڪمل حمايت جو اعلان، خبر موجب سکر جي علائقي سنگرار ۾ پ پ اڳواڻ سيد سيد زاهد حسين شاهه جي رهائشگاهه تي سيد خورشيد احمد شاهه ، جام اڪرام الله ڌاريجو سيد فرخ شاهه ، سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اليڪشن جي شروعات 27 ڊسمبر کان ڳڙهي خدا بخش پٽو کان ڪئي آهي جيڪا جاري آهي سيد زاهد حسين شاهه ۽ سيد محسن عباس شاهه جي هر ممڪن مدد پ پ قيادت سان گڏ آهي، استعيفيٰ جو تاثر غلط آهي اهو سلسلو نه هجڻ گهرجي پ پ کان علاوه ڪا به جماعت عوام وٽ نظر نه ٿي اچي اسان ڊرائنگ روم جي سياست ناهيون ڪندا هن چيو ته اليڪشن سان ملڪ جي معيشت جڙيل آهي اسان وڏو نقصان ڪنيو آهي افغانستان به هاڻي پاڪستان کي ڇڏي پارٽ سان واپار ڪري رهيو آهي اليڪشن ٿيڻ گهرجي چيف جسٽس جي حڪمن تي عمل نه ٿيو ته ان سان عدالتي بحران پيدا ٿيندو اسان هميشه ادارن جي مضبوطي لاءِ ڪم ڪيو اسان پندرنهن سال چارٽر آف ڊيموڪريسي ڏانهن ڏنوسين هر ڳالهه آخري ناهي هوندي ڪلهه اسان جا جيڪي مخالف هئا انهن سان اتحاد ڪرڻو پيو جيڪو فقط جمهوريت خاطر هيو پ پ خلاف هميشه اتحاد ٺهندا آهن پر انهن سان اسان کي ڪو به فرق نٿو پوي محترمه کي دهشتگردي جو جٿي ملڪ ۾ اچڻ کان روڪيو پئي ويو پر پوءِ به اسان پوئتي ڪو نه هٽياسينشاهه ۽ جام اڪرام الله ڌاريجو جي حق ۾ هٽ ڪٽي ويو پ پ اميدوارن جي مڪمل حمايت جو اعلان، خبر موجب سکر جي علائقي سنگرار ۾ پ پ اڳواڻ سيد سيد زاهد حسين شاهه جي رهائشگاهه تي سيد خورشيد احمد شاهه ، جام اڪرام الله ڌاريجو سيد فرخ شاهه ، سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اليڪشن جي شروعات 27 ڊسمبر کان ڳڙهي خدا بخش پٽو کان ڪئي آهي جيڪا جاري آهي سيد زاهد حسين شاهه ۽ سيد محسن عباس شاهه جي هر ممڪن مدد پ پ قيادت سان گڏ آهي، استعيفيٰ جو تاثر غلط آهي اهو سلسلو نه هجڻ گهرجي پ پ کان علاوه ڪا به جماعت عوام وٽ نظر نه ٿي اچي اسان ڊرائنگ روم جي سياست ناهيون ڪندا هن چيو ته اليڪشن سان ملڪ جي معيشت جڙيل آهي اسان وڏو نقصان ڪنيو آهي افغانستان به هاڻي پاڪستان کي ڇڏي پارٽ سان واپار ڪري رهيو آهي اليڪشن ٿيڻ گهرجي چيف جسٽس جي حڪمن تي عمل نه ٿيو ته ان سان عدالتي بحران پيدا ٿيندو اسان هميشه ادارن جي مضبوطي لاءِ ڪم ڪيو اسان پندرنهن سال چارٽر آف ڊيموڪريسي ڏانهن ڏنوسين هر ڳالهه آخري ناهي هوندي ڪلهه اسان جا جيڪي مخالف هئا انهن سان اتحاد ڪرڻو پيو جيڪو فقط جمهوريت خاطر هيو پ پ خلاف هميشه اتحاد ٺهندا آهن پر انهن سان اسان کي ڪو به فرق نٿو پوي محترمه کي دهشتگردي جو جٿي ملڪ ۾ اچڻ کان روڪيو پئي ويو پر پوءِ به اسان پوئتي ڪو نه هٽياسين



روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
ڪراچي
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com